
جہان جہانگیر کا

# جهڄان

# جهانگيرن

# ڪاڻ

سنڌ جي نامور اديب
مرحوم حبيب الله ڀڏو
جي پهرين ورسي تي پيش ڪيل
مضمونن ۽ شعرن جو مجموعو

مرتب :
غلام احمد بدوي

ڪتاب جو نالو : جهڄان جهانگين ڪاڻ

مرتب : غلام احمد بدوي

دفعو : پهريون

ڪاپيون : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي
شڪارپور سنڌ .

ڇپيندڙ : غلام رسول ميمڻ
شڪارپور ماڊرن پرنٽنگ پريس
شڪارپور سنڌ .

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت : ٥ - ٠٠

---

هي ڪتاب غلام رسول ميمڻ سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽيءَ طرفان شڪارپور ماڊرن پرنٽنگ پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو .

# فهرست


| عنوان | ليکڪ | صفحه |
| --- | --- | --- |
| پنهنجي پچار | غلام احمد بدوي | ١ |
| اڄ پڻ اکڙين | انور "فگار" هڪڙو | ٧ |
| منهنجو والد | نعمت الله ڀٽو | ١٧ |
| دلنواز دوست | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٢٣ |
| الله جو پيارو | غلام احمد بدوي | ٣١ |
| هڪ يادگار آهي | جهانگير "زاهد" | ٤٠ |
| مرحوم حبيب الله ڀٽو | ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" | ٤١ |
| منهنجو رهبر | امر جليل | ٤٥ |
| محفل کي ڳهائي ويو | "نقش" ناياب منگي | ٥٠ |
| منهنجو بزرگ دوست | ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ | ٥١ |
| مخلص دوست | ثناءُالله شيخ | ٥٧ |
| قطعات | ميمڻ غلام مصطفيٰ "مشتاق" | ٦٤ |
| سائين حبيب الله ڀٽو | پروفيسر غلام حسين ڀٽو | ٦٥ |
| لاهوتي لڏي ويا | غلام قنبر ابڙو | ٦٩ |
| مرحوم حبيب الله ڀٽو | بدرالدين آچڙ | ٧٥ |
| منهنجو ساٿي | گرڏنو (گرل) | ٨١ |

| عنوان | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|
| مرحوم حبيب الله ڀٽو | انور "فگار" هڪڙو | ٨٥ |
| ويو هليو.... | صوفي جهامنداس "عاشق" | ٩٠ |
| ياد رفتگان | پروانو ڀٽي | ٩١ |
| خراج عقيدت | جمال الدين جوکيو | ٩٤ |
| هوجي هتا ڪالهه | هدايت منگي | ٩٥ |
| عقيدت جا گل | آزر ناياب صديقي | ٩٩ |
| جنهن کي ماريو نه موت | ميمڻ عبدالغفور سنڌي | ١٠١ |
| منهنجو سائين | نذير چنا | ١٠٥ |
| منهنجو محسن | غلام رسول ميمڻ | ١٠٩ |

# پنهنجي پچار

اج نہ اوطاقن ۾ سندي جوڳين جـوڙ
ساري سنياسين کي کامي تيس کـــوڙ
من جنين سين موڙ ســي لاهوتي لڏي ويا.

۱۷ اپريل ۱۹۸۱ع، شڪارپور شهر جي جمائي هال ۾ سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي طرفان جلسو منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ مقامي تـوڙي ٻاهران آيـل اديبن شاعرن شرڪت ڪئي، هي جلسو شڪارپور جـي سپوت فرزند مرحوم حبيب الله ڀٽي جي ڀهرين ورسي تي ڪوٺايل هـو جو سندس ياد تازي ڪرڻ جي لاءِ هي اهتمام ڪيو ويـو هو، هن موقعي تي جـــي تقريرون ڪيون ويون، اهـي بذات خود مرحوم حبيب الله جي برتري ۽ ان جـي ڪيل خدمتن جو هڪ کايل اعتراف آهن. حبيب الله مرحوم اج برابر اسان ۾ موجود نہ آهي، پر جيستائين هن کي ياد ڪرڻ وارا موجود هوندا تيستائين سندس نالو صفحہ قرطاس تـان مٽجي نہ سگهندو.

هن ڪتاب جي ايندڙ صفحن ۾ ڪيس عقيدت جـا گل

خداوند سلامت رکھے مرے دوستوں کو
بہت چل بسے اور تھوڑے سے باقی ہیں۔

وقت گذرندو رهيو، اوچتو حبيب الله جي وفات جي خبر دل کي رنجيده ڪيو. جڏهن سندس نعش کي دفنايو ٿي ويو ته سندس ڪيل ڳالهيون مون کي ياد آيون، مون سندس زندگيءَ جي احوال ۽ سندس تخليقات جي متعلق ڪجهه گڏ ڪري نه سگهيس، مگر منهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي جڏهن شڪارپور جي ادب سان دلچسپي رکندڙ نوجوانن سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي جو قيام وڌو ۽ پنهنجي ذمي هيءَ ڀرپور تقريب هٿ ۾ کڻي ۽ مرحوم حبيب الله ڀٽي جي ڀرپور ورسي ملهائڻ جو ارادو ڪيو ۽ ٿوري وقت جي تياري کان پوءِ ڪيترا سڄڻ هن پروقار پر نهايت ساده تقريب ۾ جمع ٿي مرحوم حبيب الله جي ڪيل علمي ادبي خدمتن تي تفصيل سان روشني وڌي.

لاشڪ هن جهان مان هرڪنهن کي هلڻو آهي. اهو ڪهڙو نه خوشنصيب آهي جو هتان سرخرو ٿي وڃي ٿو ۽ خالق وٽ به سرخروئي حاصل ڪري ٿو.

مرحوم حبيب الله پنهنجي ٻچن لاءِ هڪ شفيق پيءُ هو هو طبيعت جو حليم ۽ قابل استاد هو، غريبن جو گهٽگهرو سياسي تدبر ۽ شعور رکندڙ هو، حالات کان سندس دل

جاہل رهندي هئي. محب وطن، ان حيثيت سان سندس زندگي جا مختلف پهلو اڄ بہ اسان جي اکين آڏو آهن. سندس اهائي ڏن رهي تہ "علم جي هڪ دائري ۾ رهي ان تي عبور حاصل ڪجي." هو عمل تي پختو يقين رکندڙ هيو ۽ اهائي وات وٺي پوين لاءِ رهنمائي جو سامان ميسر ڪري ويو.

هي ڪتاب سندس پهرين ورسي جي موقعي تي سندس دوستن ۽ شاگردن جي ڪيل تقريرن ۽ چيل مضمونن جو مجموعو آهي جو سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي، جو سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي جي طرفان شايع ڪيو وڃي ٿو اميد تہ اسان جي اها پرخلوص ڪوشش ڪارائتي ثابت ٿيندي، سچ تہ هن قسم جون يادگار گڏجاڻيون ئي قوم کي زنده ۽ باوقار هئڻ جو ثبوت هونديون آهن. اسان جو مقصد بہ اهوئي آهي تہ سنڌ جي برک هستين- بزرگن ۽ استادن ۽ محسنين جون ياد تازيون ڪري انهن جي ڏسيل راه تي گامزن رهي انهن جهڙيون صلاحيتون پيدا ڪريون.

اسان جي معاشري ۾ استاد وٽ ڇا هوندو آهي، ڪيس وچولي طبقي سان تعلق رهي ٿو جنهن کي نہ دولت نہ ملڪيت، نہ وري ڪا وڏي جائيداد هوندي آهي. هن جي زندگي جو سرمايو هن جي نيڪ خيال ۽ هن جا بهترين

بااخلاق ۽ سعادتمند شاگرد جن‌کي ڏسي هو ٻهار ٻهار ٿيندو آهي ۽ فخر کان سربلند ڪري ڇوندو آهي خـدا توکي بلند،شاد ۽ آباد رکي.

آخر ۾ مان سنڌي ليکڪ يادگارڪاميٽي‌شڪارپور سنڌ جي ڪارڪنن ۽ سائين جـو نهايت شڪرگذار آهيان جو موئکي هن‌ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ جو ڪم سونپي منهنجي ديرينہ خواهش ۽ مرحوم حبيب‌الله ڀٽي جي سنجهدہ تمنا جي تڪميل ڪئي، جنهن ڪان سندس روح کي سڪون حاصل ٿيندو. سنڌي ليکڪ يادگارڪاميٽي‌مسٽرگرڌنو (گرل داس) ڪائونسلرجو ٿورو مڃي ٿي جنهن پنهنجي سر ڪوششون وٺي هن ڪتاب جي تيار ڪرائڻ ۾ مالي مدد ڪئي آهي.

گر قبول آفتد زهے عزوشرف

مرتب

**غلام احمد بدوي**

انور "فگار" هڪڙو

# اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا ساريا

## (مرحوم حبيب الله ڀٽو جي ڇهرين ورسي جو اکين ڏٺو احوال.)

سنڌ جي مشهور تاريخي، تعليمي ۽ ادبي شهر شڪارپور جي مکيه جمالي هال جي کليل ميدان ۾ سنڌ جي مشهور اهل قلم ۽ صحافي مرحوم ومغفور حبيب الله ولد مولابخش ڀٽو جي ڇهرين ورسي سنڌي ساهت سال جي سلسلي ۾ سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي شڪارپور طرفان ۱۷ اپريل ۱۹۸۱ع تي شام جو ٦ وڳي کان ۱۱ وڳي تائين ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمن حاجي ضياءالدين اوستي جي صدارت هيٺ ملهائي وئي. هن محفل ۾ سنڌ جي ڪيترن عالمن، اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي ۽ مرحوم حبيب الله ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيو. اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض مهراڻ پبليڪيشن جي منتظم غلام رسول ميمڻ سرانجام ڏنا، جنهن اسٽيج تي اچڻ سان سامعين کي مخاطب

تيندي ڪارروائي، جي شروعات سنڌ جي سدا حيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ھن بيت سان ڪئي:

اڄ ڀي اکڙين سڄڻ پنھنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙھن جون بوندون بس نہ ڪن
سنڌي سڪ ڀرين لوڪ ڏني نہ لھي. (شاھ)

غلام رسول مھمن چيو تہ: اڄ اسان شڪارپور سنڌ جي ان عظيم فرزند جي ڀرين ورسي ملھائي رھيا آھيون، جنھن پنھنجي رت ست ڏيئي ھن شھر جي ترقي لاءِ رات ڏينھن پاڻ پتوڙيو، ۽ نور نچوئي سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪئي.

ڪارروائي جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان محترم نورمحمد ھڪڙو ڪئي. ان کان پوءِ حضور اڪرم جي شان اقدس ۾ نعت جو نذرانو گورنمينٽ قاضي حبيب الله ھاءِ اسڪول جي ھڪ ننڍڙي شاگرد نصيراحمد ھڪڙو پيش ڪيو، ھن ننڍڙي نھنگر جي آواز ۽ آلاپ جي سامعين بيحد تعريف ڪئي ۽ کيس ڪيترو ئي داد ڏنو.

سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي جي ڪنوينر جناب ثناءُالله شيخ سامعين اڳيان مرحوم جي خدمتن جو تفصيلي ذڪر ڪندي چيو تہ: ”مرحوم حبيب الله ڀٽو جي ادبيانہ خدمتن کان نہ صرف ھن شھر جو ٻار ٻچو واقف آھي، پر

پوري سنڌ صوبي جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڪيس هرهڪ چاڻي سڃاڻي. مرحوم لاءِ ايترو چوڻ ڪافي تو سمجهان ته هو ڏات جو ڏڻي هو. سندس هر اکڻي ۾ فصاحت، بلاغت ۽ سلاست حد درجي جي موجود آهي". ان ڪان علاوه ثناءُالله شيخ ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين حاجي ضياءالدين اوستي ڪان گهر ڪئي تہ "مرحوم جي نالي پٺيان ۾ اسڪالرشپون ۽ روڊ جو نالو رکيو وڃي، ۽ سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور مرحوم جو اڻڇپيل مسوده "سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا" کي ميونسپل طرفان ڇپرايو وڃي."

هن ورسي جي موقعي تي شڪارپور جي مشهور اديب پروفيسر غلام احمد بدوي پنهنجو مقالو پڙهيو ۽ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي ۽ خدمتن جو اعتراف ڪندي چيو تہ: "مرحوم حبيب الله جي زندگي ۾ ڪيترئون ڏڌيون ڪوسيون گذريون، جن کي هن نهايت خنده پيشاني سان منهن ڏنو. انهن سورن ۽ سختين جي باوجود بہ مرحوم حبيب الله ڀٽو جون ادبي خدمتون پنهنجي جاه تي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون."

مرحوم حبيب الله ڀٽو جي وڏي فرزند محترم نعمت الله ڀٽو محترم امر جليل جو راولپنڊي ڪان موڪليل تاثر پڙهيو. محترم امرجليل جي تحرير کي سامعين تمام گهڻو ساراهيو،

محترم امرجليل، سائين مرحوم لاءِ پنهنجي تاثر ۾ لکيو آهي تہ "جنهن شخص مونکي فهم جـي فرهي تي پهريون اکر اتارڻ سيکاريـو، جنهن شخص منهنجو منهن هميشه روشني ڏانهن ڪري ڇڏيو، ان رهبر ۽ رهنما متعلق ڪو مضمون نہ لکي سگهڻ جو ڏک پڪل شيشي وانگر منهنجي روح ۾ چڀي رهيو آهي".

ورسي جي موقعي تي مقالن ۽ شعرن جي ڪارروائي گڏوگڏ هلندي رهي ۽ هڪ مقالي پٺيان هڪ شعر موزون پڙهيو پئي ويو. سلسلي کي جاري رکندي نظيراحمد "شهزاد" پريالوي، مرحوم کي منظوم خراج عقيدت پيش ڪيو.

لاڙڪاڻہ ضلعي جـي مشهور اهـل قلم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم کـي خراج عقيدت پيش ڪندي ۽ مرحوم سان دوستي جـو ناتو نڀائيندي سندس شخصيت ۽ ڪردار تي روشني وجهندي چيو تہ: "ڪيتري عرصي کان مرحوم سان روحاني رشتو هلندو پئي آيـو. مرحوم سان هرهڪ ڪچهري ۾ آءٌ ائين محسوس ڪندو هوس تہ هي تـہ ڪو بيڪران بحر آهي جيڪو پيو ٺـو ڇلڪي، سندس پوشاڪ هميشه صاف سٿري رهندي هئي. جنهن سان نہ رڳو مونکي پر هرهڪ کي اهو پيو محسوس ٿيندو هـو تہ ڪو آفيسر آهي. مان ڪڏهن بہ مرحوم کي ميرو بوٽ يا ميرو رومال استعمال ڪندي ڪونہ ڏٺو".

سنڌ جي مشهور اديب ۽ شاعر سومرو عبدالخالق ”راز“ صاحب باوجود علالت جي محفل ۾ شريڪ ٿيو، پر سندس لکيل مقالو محترم ”نقش“ ناياب منگي پڙهيو، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مقالي ۾ لکيو ته: ”مرحوم حبيب الله صاحب علمي ۽ ادبي خدمتن ۾ همه تن مصروف رهندو آيو، انهيءَ حد تائين جو آخري ايام زندگي تائين سندس قلم ڪنيل رهيو، مرحوم پروفيسر لطف الله بدوي ۽ مرحوم آغا عبدالنبي خان ”عاجز“ جن جي متاثر ڪندڙ علمي ۽ ادبي ڪوت جو برابر پورائو ڪندو آيو ۽ اسان کي مايوسي ۽ محرومي جي ڪيفيت کان ادبي تحفظ بخشيندو رهيو“.

جهانگير ”زاهد“ پنهنجو نظم پيش ڪندي ورجايو ته:

رنج و الم ۾ بزم آ اڪ اشڪبار آهي
شعر و سخن جي محفل اڄ سوگوار آهي.
هر دلعزيز شاعر محسن حبيب الله جي
ورسي ڇئون ٿا جنهن کي هڪ يادگار آهي.

پٽ ويلفيئر ائسوسيئيشن جي صدر غلام حسين پٽو پنهنجو لکيل مقالو پڙهيو ۽ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته: ”سائين حبيب الله نه فقط بهترين معلم هو، پر شاعر اديب صحافي ۽ مقرر کان علاوه علمي ميدان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. انهين چوڻ بيجا نه ٿيندو ته هو پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ادارو هو.

لاڙڪاڻي جي نوجوان شاعر، اديب ميڻ غلام مصطفيٰ "مشتاق" ٻه مرحوم جي ياد ۾ قطعات پيش ڪيا ۽ پنهنجي جذبي جو اظهار هيٺين طرح ڪيو:

آه زاري تـي ڪري هن شهر جي هرڪا گلي،
ڪو وبو هـن کي ڇڏي آ مرد مومن حق بيان،
جنهن گذاري عمر ساري لوڪ جي خدمت ڪري،
سو حبيبِ شاعري ۽ نثر جو روحِ روان.

راقم الحروف (انـور "فگار" هڪڙو)، مرحوم جـي سوانح حيات پيش ڪئي ۽ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته:

"شڪارپور شهر جو ناميارو اديب ۽ شاعر مرحوم حبيب الله ڀٽو شڪارپور ضلعي سطح تـي چرندڙ پرندڙ انسائيڪلو پيڊيا اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو".

شڪارپور جي مشهور شاعر ۽ اديب محترم "نقش" ناياب منگي پنهنجي محسن دوست ۽ رهنما جي عقيدت ۾ منظوم خراج عقيدت پيش ڪندي فرمايو ته:

"حبيب الله سچ منهنجو هتان منهڙو مٽاڻـي ويو
لڏي لاهوت سامين سان سدائين پيچ پائي ويو.
چون ٿا "نقش" کي ناياب پر ان ِاپ حبيب آهي،
خوشي ۽ کل ٿي کل سان جوءِ ڇڏي وارو وڃائي ويو.

سنڌ جي مشهور اديب، شاعر ۽ ميدانِ صحافت جي جهوني جوڳي محترم پروانه ڀٽي، مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي فرمايو ته:

"مرحوم حبيب الله ڀٽو جون علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکڻ جي لائق آهن. مرحوم جي ورسي نه رڳو شڪارپور ۾ پر پوري سنڌ ۾ ملهائڻ گهرجي".

ڪارروائي جي دوران روزانه اخبار "ناظم" جو "حبيب نمبر" ۽ سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي طرفان ڇپايل ڪتابڙو "وساريو نه وسرن" ورهايا ويا.

شڪارپور جي شاعر ۽ صحافي صوفي جهامنداس "عاشق" مرثيو پڙهيو:

سنڌ وارن کي سدا داغِ جدائي ويو ڏيئي،
پاڻ مشڪندو اسان کي بس روئاري ويو هليو.
يا خدا تون ڪر عطا پوين کي بس صبروجميل،
جن جي لئه شمع ادب کي هو جلائي ويو هليو. "عاشق"

شڪارپور پريس ڪلب جي صدر محترم علاؤالدين نيازي مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته:

"مرحوم حبيب الله ڀٽو شڪارپور لاءِ هڪ بهترين ڪارڪن هو. شهر کي ضلعي حيثيت ڏيارڻ ۾ سندس ڪوششون قابلِ قدر آهن".

خيرپور ميرس جي شاعر جمال الدين "جوکي" مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ:

ڪندو هو ڇان کي قربان پنهنجي هن ملڪ ملت تان،
اهـــي سڀ شرف حاصل هـــا حبيب الله پيتو کي،
ڪري ٿو پيش هي "جوکي" عقيدت جا ٻہ ٽي گلڙا،
ملن فـــردوس ۾ جايـــون حبيب الله پيتو کـــي.

محترم غلام قنبر ابڙو جو بهاولپور کان موڪليل مقالو شمس الدين پيتو پڙهيو. ابڙو صاحب پنهنجي مقالي ۾ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي لکيو تہ:

"مون جناب حبيب الله صاحب ۾ ٻين صلاحيتن، خوبين کان علاوه جيڪي ٻہ خاص خوبيون ۽ جذبا ڏٺا، اهي هئا هڪ سنڌي علم و ادب کي فروغ ڏيڻ ۽ ٻيو شڪارپور کي ترقي ڏيارڻ".

مرحوم حبيب الله پيتو جي هن ٻهرين ورسي جي موقعي تي محفل جي اختتام کان اڳ مرحوم جي جهوني ساٿي ۽ دلي دوست محترم آذر ناياب صديقي صاحب مرحوم کي منظوم خراج عقيدت پيش ڪندي هيٺين ريت فرمايو:

محسوس ائين ٿيو ڄـــڻ سهڪو منجهي پيـو آ
پنهنجي ئـي گهر جـــو ياتي اڄ فوت ٿي ويو آ

---

ڏيئا پرن ٿا وري وسامي پيا وڃن ٿا
وس آهر سماج کي روشني ڏيندا رهن ٿا.

شڪارپور شهر جي قديمي عمارت جماڻي هال ۾ هي پهرين ورسي هئي، جنهن جي انفراديت اها آهي ته محفل ۾ ٻاهران ۽ مقامي علم و ادب سان تعلق رکندڙ اديبن، شاعرن، ڪائونسلرن، وڪيلن ۽ شهرين گهڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ محفل ۾ آخر تائين نهايت خاموشي ڇانيل رهي. هرشخص مرحوم جي ڪيل خدمتن جو اعتراف ڪري رهيو هو. ان لکن ۾ وڏائي هرگز نه ٿيندو ته سنڌي ليکڪ يادگار ڪاميٽي شڪارپور طرفان هڪ اهڙي شخص جي ورسي ملهائي ويئي، جنهن پنهنجي زندگي جي آخري گهڙين تائين نه رڳو ادب جي خدمت ڪندي گذاري، پر شڪارپور شهر جي فلاح و بهبودي لاء مثالي ڪردار ادا ڪيو.

محفل جو اختتام شاه صاحب جي هيٺين بيت سان ڪيو ويو.

ڪٿا منجهه قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهه فراق جي ڪيد ڏارون ڏار،
نه چاڙان ٻهار ڪير ملندا ڪن سين. (شاهه)

مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي شڪارپور شهر لاءِ

ڪيل خدمتن

جي اعتراف طور

# خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان

ھاران:

**حاجي ضياءالدين اوستو**

چيئرمن ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور

نعمت الله حبيب الله پلو

# منهنجو والد منهنجو مشفق

والد مرحوم حبيب الله مولابخش پنهور صاحب مادر وطن سنڌ جا مشهور و معروف اديب ۽ شاعر هئا. سندن محنت ۽ ڪوشش جو اهو حال ۽ عالم هوندو هو جو هميشه مطالعي ۾ مصروف هوندا هئا. سندن زندگي سادي ۽ قناعت پسند هئي، هر هميشه سفيد پوش رهيا.

اسين ڪل چار ڀائر آهيون، آئون سڀني کان وڏو آهيان، مان گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ١ شڪارپور ۾ استاد آهيان. منهنجو ٻيو نمبر ڀاءُ مسٽر احسان الله پنهور مقامي شاهه لطيف گورنمينٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي، ٽيون نمبر ڀاءُ مسٽر عطاالله پنهور ڪراچيءَ ۾ ٽائون پلاننگ آفيسر آهي، ۽ چوٿون نمبر ڀاءُ مسٽر نجيب الله پنهور سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ميڊيڪل جو چوٿين سال جو طالب علم آهي. اسين سڀ ڀائر الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان اعليٰ تعليم يافته آهيون. اسانجي والد محترم اسان کي تعليم ڏيڻ ۾ ڪنهن به قسم جي پس و پيش نه ڪئي، حالانڪ هو پرائمري استاد هئا ۽ انڪانپوءِ ثانوي استاد ٿيا، سندن آمدني نهايت محدود هوندي هئي، پر

هرحال ۾ شاڪر ۽ صابر رهيا. تعليم ڏيڻ سندن مشن هئي. لڳاتار اٽڪل ٤٠ سال استاد رهيا. سندن هزارين شاگرد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف عهدن تي فائز آهن.

تعليم جي پيشي سان منسلڪ هوندي سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکندا رهيا. ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڪان به سندن ڪيترائي پروگرام براڊڪاسٽ ۽ ٽيلي ڪاسٽ ٿيا. اهـا سندن محنت ۽ ڪاوش هئي. جنهن کين ايتري منزل تائين پهچايو.

ســون کين هميشه مطالعي ڪندي ۽ لکندي ڏٺو اسڪول کان موٽڻ بعد ڪجهه دير آرام ڪندا هئا. انڪانپوءِ اخبارون پڙهندا هئا، پــوءِ وري ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪندا هئا.

سندن محنت جو اهو عالم هوندو هو جو موڪل جي ڏينهن ۾ صبح سوير جــو غسل ڪري اچي ڪرسيءَ تي ويهندا هئا، سامهون کٽ پئي هوندي هئي، جنهن تي انبار اخبارن ۽ رسالن جا پيا هوندا هئا، پوءِ لکڻ ويهندا هئا ته صبح جو ناشتو به اتي ته منجهند جي ماني بـه اتي کائيندا هئا. ڪرسيءَ تي ڪڏهن پلٿي ماري ته ڪڏهن ٽيڪ ڏيئي لکندا هئا، ٽڪجي پوندا هئا تـه ڪاغذ گوڏن تي رکي لکندا هئا. مون کين ڏٺــو هو ته هو مسلسل ١٢ - ١٤ ڪلاڪن تائين بـه ڪنهن ڪنهن وقت لکندا هئا. مگر

سندن روزانہ سراسري معمول پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪنهن بہ حالت ۾ ٤-٥ ڪلاڪن کان ڪڏهن بہ گهٽ نہ هيو.

اسانکي چوندا هئا تہ محنت ۾ عظمت آهي جيڪو محنت ڪري ٿو ان جو ڦـل ڪيس اُوَس ملي ٿو. پاڻ انهيءَ مقولي تي ساري عمر صادق رهيا، مختصر ۽ محدود آمدنـي هوندي بہ سندن رهڻي ڪهڻي، نهايت سادي هوندي هئي.

مرحوم والد صاحب جن پڙهڻ جي معاملي ۾ اسانکي هميشه همٿائيندا هئا. مونکي ياد آهي شروع شروع ۾ آئون فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت اختيار ڪئي هئي، ان دوران مون ١٩٦٠ع ۾ بي- اي پاس ڪئي. پاڻ چوندا هئا تہ افضل ترين پيشو استادي پيشو آهـي. ان ڪري مون ١٩٦٢ع ۾ فوڊ ڊپارٽمينٽ کي الوداع ڪري استاد جـو پيشو اختيار ڪيو، ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مان هينئر اعليٰ تعليم يافتہ آهيان، شايد ٻئي ڪنهن کاتي ۾ مـان اهڙي تعليم حاصل نہ ڪري سگهان ها! اهو سڀ ڪجهہ والد مرحوم صاحب جي طفيل ڏي حاصل ٿيو سندن چهري تي هميشه مرڪ ڇانئل رهندي هئي. ننڍي خواه وڏي سان نهايت خنده پيشانيءَ سان ملندا هيا. شهر ۾ جڏهن نڪرندا هئا تـہ جنهن بـہ واقف ماڻهوءَ سان ملندا هئا تـہ پهريون ڪيس ســلام ڪندا هئا ۽ پــوءِ خـوش

خير و عافيت پڇندا هئا، اهو سندن روزانو معمول هوندو هو. پاڻ نهايت صفائي پسند هئا. روزانو صبح سان اٿي اول ڏندن کي لوڻ سان مهٽيندا هئا ۽ انکان پوءِ ٽوٿ پيسٽ استعمال ڪندا هئا، پوءِ غسل ڪندا هئا. ڏندڻ پاڻي صبح شام ٻه دفعا ڪندا هئا. پاڻ گهڻو ڪري سفيد ڪپڙا پائيندا هئا. کين ڪپڙن جا ايڏا گهڻا جوڙا ڪون هوندا هئا، مگر تڏهن به قريباً ٻن ڏينهن کانپوءِ ڪپڙا بدلائيندا هئا. پاڻ چوندا هئا ته انسان کي هميشه صاف ۽ سٿرو رهڻ گهرجي، ڪڏهن ڪڏهن بوشرٽ ۽ پتلون به پائيندا هئا.

صحت جي اصولن تي سختيءَ سان ڪاربند رهيا. کاڌو نهايت سادو کائيندا هئا. روزانه شام جو اونهاري توڙي سياري ۾ اٽڪل ميل ڏيڍ پنڌ ڪندا هئا.

پاڻ سوشل ورڪر به ٿي رهيا. عمر جي آخري ٻن سالن ۾ پاڻ ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيا. ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جا ارڪان شاهد آهن ته کين شڪارپور شهر جي ترقيءَ لاءِ ڪيتري قدر لڳاءُ ۽ جستجو هوندي هئي.

شڪارپور سان سندن انسيت عشق جي درجي تائين پهتل هوندي هئي. اتندي ويهندي کين شڪارپور شهر جو اونو هوندو هو.

جڏهن پهرين جولاءِ ١٩٧٧ع تي شڪارپور کي پيهر ضلعي حيثيت ڏني ويئي ته ڏاڍا خوش ٿيا هئا، چاڪاڻ ته

ان ضلعي بہ ٿئي ۾ سندن ڪافي هٿ هو. سنڌ جون مختلف اخبارون ان ڳالهہ جون شاهد آهن.

پاڻ چيڪي بہ مضمون لکيائون، انهن ۾ ڪافي تعداد ۾ مضمون شڪارپور متعلق آهن.

سندن نياز نوڙت، اخلاق، اخلاص ۽ همدردي پنهنجن توڙي پراون کي موهي ڇڏيندي هئي.

پڙهڻ ۽ پاڙهڻ سان سندن عمر ڀـر جو ناتو رهيو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن يعني جمع ١٨ اپريل ١٩٨٠ع تي صبح جو سوير اٿيا آهن، اهيئي ڪتاب، اهيئي اخبارون ۽ اهيئي رسالا سندن اڏو آهن. کين ڪجهہ مضمون ۽ خط لکڻا هئا، انهيءَ ڏينهن مسٽر ڪريم بخش خالـد، مسٽر عبدالڪريم سعدي ۽ مسٽر اسلم آزاد کي خط لکيا اٿائون. وري اچي لکڻ تي ويٺا آهن، لڳاتار ٦ - ٧ ڪلاڪ لکيو اٿائون، حالانڪ کين ٥-٦ مهينا اڳ دل جي تڪليف هئي. پر ان جي بہ پرواهہ ڪونہ ڪئي اٿائون، مان کين چوندو هيس تہ سائين ايڏي محنت نہ ڪريو، ان وچ ۾ هڪ عزيز گهر آيو آهي، ان کي جڏهن هو وڃڻ لاءِ موڪلائي ٿو، چون ٿا تہ ادا ڪجهہ وقت تہ ويهہ هي مضمون تہ پورا ڪري وٺان شايد هي منهنجي زندگيءَ جا آخري مضمون هجن ۽ ٿيو بہ ائين. منجهند جو ڪي دوست ملڻ آيا هئا، انهن سان بہ مليا آهن، وري شام جو ٧ بجي ڪجهہ سائي

ملڻ آيا ائين انهن سان به مليا آهن. رات جو قريباً ٨ لڳا هئا، ان وقت مون ماني پئي کاڌي، مونکي سڌ ڪمو اٿائون، سڌ نهايت اُپهرو پئي لڳو، مون هڪدم ماني ڇڏي ڏانهن ويم، مونکي چوڻ لڳا ته ٻاهر احسان الله ڀٽو آهي، تون ۽ احسان الله ڊاڪٽر ڏانهن وڃو ۽ کين وٺي اچو. انهيءَ وقت کين دل جو شديد دورو پيو هو. اسان پئي پاڻ هڪدم ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙياسين. اٽڪل ۹ بجي رات جو ڊاڪٽر پيڳت صاحب ملي ويو، اهو آيو ۽ والد صاحب جي حالت ڏسي هڪدم سول اسپتال کڻي وڃڻ لاءِ چيائون، والد صاحب کي سول اسپتال شڪارپور ۾ کڻائي وياسين، ڊاڪٽر پيڳت رام جن به ازراه عنايت گڏ هئا. سائين جن جي حالت ۾ ڪوبه اضافو ڪونه ٿيو، ڊاڪٽرن جي چهري مان صاف ظاهر هو ته هينئر سائين جن جي روانگي ويجهي آهي. آخر اٽڪل ١١ بجي رات جو پنهنجي خالق حقيقي سان وڃي مليا، پوءِ ته ماتم مچي ويو بابا سائينءَ کي جيترو آندو هيو سين ۽ مٿل حالت ۾ ڪيئن گهر کڻي وڃون. رب جي رضا تي راضي رهڻو آهي ڇو ته ”ڪل نفس ذائقة الموت“ آهي. انا لله وانا اليه راجعون.

●

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# دلنواز دوست- حبيب الله ڀٽو مرحوم

شڪارپور جي سرزمين، سونهن ۽ سوڀيا ۾ سدائين سرس رهي آهي. سونهن ۽ سرهاڻ نفاست ۽ لطافت، صفائي ۽ سلڇڻائي، نواڻ ۽ رهاڻ هن شهر جي ثقافت جون خوبيون ۽ خصوصيتون آهن. اهوئي سبب آهي، جو سڄي سنڌ ۾ هي شهر منفرد حيثيت جو مالڪ آهي. ڪيس سنڌ ۾ اهائي حيثيت حاصل آهي، جيڪا يورپ ۾ "پيرس" ۽ هندستان ۾ "لکنو" کي مليل آهي. تجارت توڙي سياست علم ادب توڙي تصوف ۽ تعليم توڙي صنعت جي ميدان ۾ هن شهر جو مان مٿانهون رهيو آهي. هن شهر وقت بوقت ڪيترن اهم شخصيتن کي وجود ڏنو آهي، جن علم، ادب، سياست، تعليم ۽ تجارت ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙين باڪمال شخصيتن مان اسان جو دلنواز دوست حبيب الله ڀٽو مرحوم به هو.

حبيب الله ڀٽو مرحوم جي شخصيت ۾ ساڳي وقت ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون موجود هيون. جيڪڏهن سندس شخصيت کي "پهلودار شخصيت" جو نالو ڏجي، ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. سندس ذات اهڙي

گلستان مثل هئي، جنهن ۾ مختلف گلن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سمايل هوندي آهي. ڪيس پنهنجي شهر شڪارپور سان بي‌انتها محبت هئي، ۽ ان جي ثقافت جـو سماءُ ۽ سڳنڌ سندس ساهه ۾ سمايل هو.

هو جهڙو هو اندر جو اجرو، اهڙو ئي ٻاهران به صاف ۽ سٿرو رهندو هو. مون ڪڏهن به سندس بوٽ تي به مٽيءَ جي دز نه ڏٺي. هميشه اڇو اجرو ۽ صاف سٿرو رهندو هو. سندس رهڻي ڪهڻي سادي، پـر سونهن ڀري هوندي هئي. هو جهڙو هو خوش پوش، اهڙوئي هو خوش خلق‌اندر ۾ آنڌمانڌ، ويچار ۽ ويچاءُ، سوچون ۽ سوداءُ، غم ۽ ڳڻتيون ڪنهن کي نه ٿا تين؟ ظاهر آهي ته حبيب‌الله ڀٽي مرحوم جو وجود به انهن ڳالهين کان وانجهيل نه هوندو، پر ڪمال اهو،جو انهن جو ڪوبه آثار ۽ اهڃاڻ مون ڪڏهن به سندس چهري مان ظاهر نـه ڏٺو. مطلب تـه سندس شخصيت شاهه ڪريم جي هن بيت جي مصداق هئي:

ڏکين ڏات پئو، هيٺڙو لـﮧ سداڻ جيئن،
سنياري کي سڄئين، ورچي تـاڻ نـه وٺو.

حبيب‌الله ڀٽي مرحوم سان منهنجو ڪيترن ڏـي سالن کان سات رهيو. ادبي ۽ ثقافتي تحريڪن ۾ اسان گڏجي ڪم ڪيو. مون ڏٺو، تـه هو نهايت وفادار، جفاڪش، محنتي ۽ مجاهدانه جذبو رکندڙ مسلمان هو. اها ڳالهه روز

نہ فقط ايترو، پر هو سياسي شعور بہ رکندو هو ڪيس سدائين شڪارپور شهر جي ترقي ۽ سڌاري جو اونو رهندو هو. ان لاءِ سدائين مضمون ۽ ليک پيو لکندو هو، ۽ واسطيدار ماڻهن جو ڌيان پيو ڇڪائيندو هو. انهيءَ ڪري جذبي ماتحت شڪارپور ميونسپالٽي جو ڪائونسلر بہ بڻيو.

حبيب الله ڀٽو مرحوم جهڙو هو سٺو نثر نويس، اهڙوئي هو بلند پايہ شاعر سندس والـد مرحوم مولابخش ڀٽو وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. خاص طرح سان سنڌي بيت جو باڪمال شاعر هو. حبيب الله ڀٽي مرحوم جي علمي ۽ ادبي ذوق جي ابتدا پنهنجي والـد بزرگوار جي صحبت ۾ ١٩٣٦ع کان ٿي. سن ١٩٤٠ع کان سندس مضمون ۽ شعر مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيا، ۽ سندس آخري وقت ڌائين شايـع ٿيندا رهيا. ڪيترائـي تحقيقي، تنقيدي ، معلوماتي ۽ ثقافتي مضمون ۽ ڪتاب لکيائين. مضمونن سان گڏ شعر بہ لکندو آيو. مشاعرن ۾ بہ شرڪت ڪيائين سندس ڪجهہ مضمون تصويرن سـان سينگاريل روزانہ هلال پاڪستان ۾ شايع ٿيا، جن عوام توڙي علمي حلقن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. خاص طرح سـان شڪارپور جـي تاريخ، ثقافت ۽ هنرن بابت سندس لکيل مضمون وڏي حيثيت رکن ٿا.

مضمون‌کان سواءِ ڪتاب بہ لکيائين، جن مان ڪجھہ شايع ٿيا، جھڙوڪ : رسول مقبول صلي الله عليه وسلم (١٩٥٦ع)، اقوال‌دانش (١٩٥٨ع)، سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين (١٩٧٣ع) وغيره. ڪجھہ اڃا تائين شايع ٿي نہ سگھيا آهن، جھڙوڪ: سنڌي ٻيٽ ۽ ان جي ارتقا، نفسيات وغيره. سندس مکيہ ڪتابن جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

**اقوال دانش:** هي ڪتاب قائداعظم محمد علي جناح مرحوم جو منتخب تقريرن تي مشتمل آهي.

**سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين:** هن ۾ انهن مغربي عالمن جي خدمتن جو جائزو ڏنو ويو آهي، جن سنڌ، سنڌي زبان، سنڌي ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي ثقافت تان ورهن جي لٽ لاهڻ لاءِ اهم ڪارناما سرانجام ڏنا. ڪتاب تي ڪافي محنت ٿيل آهي. منڍ ۾ مفيد تمهيد آهي، جنهن ۾ سنڌ جو تاريخي منظر بہ بيان ڪيو ويو آهي، ۽ ان سان گڏ پرڏيهي پارکن جي ڪارنامن جو تعارف بہ ڏنو ويو آهي. ان‌کان پوءِ پيش لفظ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاءِ وقوع، صورتخطي، ادب ۽ ثقافت جو بيان آيو آهي. ان بعد مستشرقين جو احوال اچي ٿو، جنهن ۾ سوانح عمرين سان گڏ انهن جي لکيل ڪتابن جو جائزو بہ پيش ڪيو ويو آهي. مطلب تہ موضوع جي هر پهلو تي مفيد معلومات مهيا ڪئي وئي آهي.

**سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا:** هي ڪتاب سندس سالن جي جستجو، مطالعي ۽ تحقيق جو نچوڙ آهي. ڪتاب چڱو ضخيم آهي، ۽ سنڌي بيت ۽ ان سان واسطو رکندڙ هر پهلو تي نهايت تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. هن ۾ نه فقط سنڌي بيت جي فني ۽ فڪري ارتقا جو احوال آهي، پر ان سان گڏ سنڌ جي تاريخي پس منظر، ثقافت، صورتخطي ۽ ٻين پهلوئن تي به روشني وڌي وئي آهي. مرحوم کي هن ڪتاب جي ڇپجڻ جو ڏاڍو اونو هوندو هو. ضرورت آهي، ته هن ڪتاب جي اشاعت جو بندوبست ڪيو وڃي.

**شعر:** حبيب الله ڀٽي مرحوم جي شعر جو به چڱو ذخيرو آهي، جنهن مان ڪجهه ڇپيو آهي. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

سهڻا ڪهڙيس مـــان سو به سو
تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڪو بڪو
پـــر ڪونه آيو ڪو نظر
مون توجهو ڪو هـــو بهو
ڇهرو سنڌ ۾ آءٌ ڇا چوان؟
گل ياسمين جهڙن بو به بو
جهٽ ٿو لڪائي منهن قمر
جـــي تون ٿئين تـــو دوبدو.

---

٣

بـي مثل بيچون باالله محب مون منٺار آ
سرو قـد سهڻو سراپا سونهن جو سردار آ
چا اکيان ان جي سونهين گل صنوبر ياسمون
سربسر سچ ٿو سليمان، هو هڪ عجب اسرار آ
چشم تنهنجا مثل آهو زلف زنجيرن سمان
هيءُ ته مون ساراه سمجهو حق سندو اظهار آ
گل ۾ کهڙي آهه زينت، هواچاان کان کثر
لالـہ رخ، مهتاب زيبا گلشن، گلزار آ.

مرحوم حبيب الله پڏو
جون شڪارپور شهر لاءِ ڪيل خدمتن
جي اعتراف طور

# خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان.

پاران:
عبدالڪريم ميمڻ
صدر
ميمڻ جماعت شڪارپور

ويا سي ويلجهار .........

# مرحوم حبيب الله پنو

هڪ مشفق آستاد ۽ سماجي ڪارڪن
جي حيثيت ۾ جيڪا شڪارپور شهر
جي خدمت ڪئي

مان سندس خدمتن جي
اعتراف طور

# خراج عقيدت

پيش ڪو ڪريان

پاران:

قاضي الطاف احمد
وائيس چيئرمن
ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور

پروفيسر غلام احمد ٻبروي

# الله جو پيارو ڪڏهن مري نه ٿو

صدر گرامي ۽ معزز سامعين:-

شڪارپور جي مردم خيز زمين پنهنجي ضمير مان ڪيترن مدبرن، سياستدان، اديب، شاعرن ۽ صاحب قلم، صاحب سخن کي جنم ڏنو، جن پنهنجي نغمه نوازي ۽ نگارشات کان سنڌ جي سرزمين کي هميشه لاءِ سيراب ڪيو. انهن شخصيتن مان مرحوم حبيب الله ڀٽو به هڪ هو، جنهن پنهنجي وسعت کان وڌيڪ وطن مالوف شڪارپور جهڙي دور افتاده شهر ۾ نهايت خاموش انداز ۾ ويهي، علم ۽ ادب جي شمع کي روشن ڪيون تي آيو. مدبر استاد، الله جي نيڪ بندي، جنهن پنهنجي زندگي ادب جي خدمت ڪندي گذاري. هو هڪ همه جهت شخصيت جو مالڪ هو. سندس رنگارنگ شخصيت، سادگي، خلوص، دردمندي ۽ وضعدار هئي.

اها هڪ حقيقت آهي ته انسان جي زندگي مستعار آهي ان تي اعتبار ڪهڙو هڪ تيز هوا جو جهونڪو جڏهن هڪ سرسبز ۽ شاداب درخت کي ڪيرائي وجهي ٿو، ته موت جي زبردست هٿن کان هڪ ڪمزور انسان ڪٿي ٿو تاب جهلي سگهي، هزارين تمنائون چون هجن. هن جا عزم ۽

ارادا بلند چونه هجن، هن جون خواهشون پلي وڏندڙ هجن مگر هو لحظي ۽ هر ساعت موت انجي تاڪ ۾ رهي ٿو. هميشه جـي خوشي هڪ ساعت ۾ ماتم بڻجي وڃي ٿي، سندس زرين ڪارناما هميشه جي لاءِ يادگار رهجي وڃن ٿا. جي ڪيس فاني مان غيرفاني بڻائين ٿا. ”ان اولياءَ الله لايموتون“ خدا تعاليٰ جو پيارو ڪڏهن مري نه ٿو. هن جي معنيٰ اها نه آهي ته هو آجل جي دستبرد کان ڪو بچي وڃي ٿو ڪڏهن نه بلڪ بقول مصري شاهه:

نه ڪا منڊ مرڻ جي نه ڪا جهڙي جاهه
آلا دنيا ساعت چاجي آج مان.
پورا ائين پائين جئين ڪرڙي چانهه ڪڪر جي.

اها حقيقت آهي تـه انسان جي زندگي ڪڪر جي ڪرڙي چانهون آهي. بلڪ هن طرح به چيو اٿن:

هر ڪه زاد بنا چار بايدش نوشيد
زجام دهـر ڪل مـن عليها فان.

جو جمندو سو مرندو، تو سمجهي ڏس، مگر عالم جي زندگي هميشه زنده هئڻ مان مراد آهي ته هو اُمري به اهي نقوش ڇڏي ٿو، جي ان جي ياد کي هميشه ياد دوام بخشي ٿو ۽ دنيا چئي ٿي:

”حق مغفرت ڪرے بهت آزاد مرد تهے“.

مرحوم حبيب الله پنهنجي خاندان جو فرد هو، سندس والد

مرحوم مولابخش مسڪين واقع مسڪين طبيعت جو مالڪ هو، هو نہ فقط چڱو نثر نويس هو پر هڪ ڪهنہ مشق شاعر بہ هو، مون کي ڪجهہ وقت اڳ سندس ڪلام سهيڙڻ جو موقعو مليو هو، مان سندس شاعري کي ڏسي حيران ٿي ويس. مسڪين نهايت ڪثير تعداد ۾ ڪلام چيو جنهن ۾ مثنويون، ابيات ۽ ڪافيون وغيره موجود هئا. سندس بيتن جو مجموعو "ابيات مسڪين" جي نالي سان سينٽرل ايڊوائيزري ڪنٽرول بورڊ سنڌي ادبي ڪراچي طرفان سن ۱۹۶۱ع ۾ شايع ٿيو. کيس بورڊ جي طرفان هڪ سؤ رپيا انعام بہ مليو. مولابخش مسڪين سنہ ۱۸۸۶ع ڌاري شڪارپور ۾ تولد ٿيو. هن سنہ ۱۹۱۹ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪرڻ جي بدران، سول ڪورٽ ۾ عرضي نويس ٿي گذاريو. هي سندس آزاد طبيعت جي ڪري ئي عمل ۾ آيو. گهڻو عرصو جيڪب آباد ۾ رهيو. آخر عمر عبادت الاهي ۽ تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاري. مسڪين جو ڪلام پختو ۽ رواني سان ڀرپور آهي. کيس پنهنجي وطن شڪارپور سان والهانہ محبت هئي، شڪارپور جي عظمت ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو هيائين. جنهن مان سندس وطن جي محبت ۽ حسن بيان جي خبر پوي ٿي. لکي ٿو:

شاهي شهر شڪارپور جو، آهه ملڪن ۾ مشهور
موچارا منجهس ماڻهو، رهن موجن ۾ مسرور
دانهن وڏي دستور، تـا رکن راضي روح کـي.

.... .... ....

پسي لقاءَ لکي در جو لهن غم غبار
ماڻهون مڙن ڪيترا، هوتلن تي هزار
هر ڪنهن گلن هار، سونهن تا سيگارسان.

مسڪين جي، ڪلام تي محمد بخش واصف ۽ مرحوم فقير غلام علي مسرور شڪارپوري جو گهڻو آثر هو، هڪ جاءِ تي فقير غلام علی مسرور جي رنگ ۾ فرمائي ٿو:

اسين خاڪي خاڪ سڏبون ٿا، پول نه پيو ڪو پابون ٿا
فاذڪروني اذڪر ڪم وحدت وک وڌابون ٿـا.
الفت واري اوڍي الفي، ناتـو نينهن نڀابون ٿـا.
مخفي من حي مام پروري رمزين روح ريجهابون ٿـا.
"مسڪين" پنهجو پسي خطائون نيڻين نير وهايون ٿا.

مرحوم حبيب الله پٺي کي ننڍي هوندي ئي هڪ ادبي ماحول نصيب ٿيو. جنهن ڪري ڪيس ننڍي هوندي کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. سندس ولادت ١ نومبر ١٩١٧ع ۾ ٿي، سندس ابتدائي تعليم شڪارپور شهر ۾ ٿي پنهنجي محنت سان ١٩٣٣ع ڌاري فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ١٩٣٥ع ۾ شڪارپور شهر ۾ نوڪري سان لڳو

۾ پرائيمري ماستر جي حيثيت سان معاشي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ هڪ ڪامياب استاد ثابت ٿيو. اڳتي هلي سنه ١٩٤١ع ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پهريون سال ۽ ١٩٤٨ع ۾ ٻيو سال پاس ڪري ورتو ساڳي سال نادر واري اسڪول (موجوده قاضي محله) جو هيڊماستر مقرر ڪيو ويو. جتي پنهنجي صلاحيتن سان اسڪول کي وڏي ترقي ڏياري. سنه ١٩٥١ع ۾ کيس اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر اسڪول مقرر ڪيو ويو. مختلف ضلعن ۾ پنهنجي فرائض کي انجام ڏيندو رهيو. سال ١٩٥٥ع کان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو جتان سن ١٩٧٥ع ۾ خيرخوبي سان پنهنجي ملازمت کان سبڪدوش ٿي آزادي سان زندگي بسر ڪرڻ لڳو. اڪثر سرڪاري ملازم جي زندگي ان طرح گذرندي آهي. هيءَ مختصر خاڪو هو جنهن جي زندگي جي اندر هزارين انقلاب اچن ٿا ۽ گذري وڃن ٿا.

مرحوم حبيب الله جي زندگي ۾ به ڪيتريون تڏيون گهميون گذريون، جن کي هن نهايت خنده پيشاني سان منهن ڏنو. انهن سورن ۽ سختين جي باوجود به مرحوم حبيب الله جون ادبي خدمتون پنهنجي جاءِ تي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون. ان کان اڳ شڪارپور جي بزرگ هستيز پنهنجا نقوش ڇڏيا. جن کي ياد ڪندي مون کي

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جو هڪ بيت دل تـي تري اچي ٿو. شاه صاحب فرمايو آهي:

ڪنڌ وهائو پنو هريو هٿ ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم جاڙ جهان تي جيڏيون.

مرحوم حبيب‌الله ڀٽو شڪارپور سنڌ جي سرزمين جي پيداوار هيو. جتان پنهنجي دور جا عظيم مفڪر شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا، جن ادبي دنيا ۾ انقلاب پيدا ڪيو آخر اهو دور به آيو جو شڪارپور ۾ اديبن ۽ سخن ورن جو ڪال ٿي ويو، اهي بزرگ ويچارا پنهنجو منهن لڪائي پنهنجي مرقدن سان اسان جي ڪسمپرسي جي حالت کي ڏسندا ٿي رهيا. اهو ڪو شخص نه رهيو هو جو انهن سڪل ڪسين ۾ پاڻي جاري ڪري، يا اوجهايل شمع کي روشن ڪري. ان فقدان جي دور ۾ مرحوم حبيب‌الله ان اجهايل شمع کي روشن ڪندو ٿي آيو. اها شمع به اجهامي ويئي. اڄ اسين رکو اونداهي ۾ ٽاڪوڙا ٿا هڻون.

مرحوم حبيب‌الله اديب ۽ ابن اديب جي لفظ تي بيحد خوش ٿيندو هو. ڪيس فخر ڪرڻ به ڪپندو هو. چونه ڪيس ان ماحول سان بـي انتها محبت هئي. سندس لکڻ جـي شروعات جيتري قدر مون کي ياد، "سنڌو" رسالي کان ٿي، جو غالباً ١٩٣٦ع جو سال هو ۽ نومبر جي مهيني. سندس هڪ مقالو جنهن جو عنوان "دار جلنگ" هو اڪيتي هلي

ڪافي تعداد ۾ مقالا لکيا. جن جي فهرست اوهان جي هٿن ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي جنهن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو. ته مرحوم پنهنجي زندگي صحيح مسرب ۾ استعمال ۾ آندي. ان سان گڏ ڪيترا ڪتاب به لکيا جي سنڌي ادب ۾ يادگار رهندا. کيس تحقيق جو شوق هو، شاعري به ڪيائين. پنهنجي وسعت آهر چڱو شعر چيائين جن ۾ اڪثريت بيتن جي آهي. جيئن مون عرض ڪيو ته کيس پنهنجي والد جي صحبت منجهه ملي هئي. ان سان گڏ سندس ڪچهريون ان وقت جي نوجوان شاعرن سان روزانه ٿينديون هيون، جن ۾ شيخ اياز صاحب، مرحوم احسان بدوي، نعيم صديقي ۽ رشيد لاشاري مرحوم قابل ذڪر آهن. جي سنڌ جي ادبي دنيا جا درخشان ستارا آهن.

مرحوم حبيب الله پٺو اڪثر آغا غلام نبي خان بمعروف "آغاصوفي" جي مجلسن ۾ شرڪت ڪندو رهندو هو، جتي سنڌ جا وڏا شاعر ايندا هئا. سندس صحبت آغا عبدالنبي "عليگ" سان ٿيندي رهندي هئي جا سندس آخري دم تائين رهندي آئي. پاڻ ۾ بي تڪلف هئا. وڙهندا به هئا. ته پرچندا به هئا. مطلب ته شڪارپور ۾ چڱي رونق هوندي هئي مگر افسوس. اڄ ته:

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي آئي ويا پيئي آڏامي رک.

اڄ اسين جناب حبيب الله ڀٽي جي ڀورين ورسي ملهائڻ سان گڏ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، ته هتي جي اديبن جي صداقت ڀريل زندگي کي سامهون رکي عزم ڪريون ته شڪارپور جي ان ادبي ماحول کي وري نئين سر اُجاگر ڪريون ٿا هي نشستون ان لاءِ ٿي منعقد ڪيون وڃن ٿيون ته اسان جا نوجوان پنهنجي استقامت سان محنت ڪن. ۽ هن ادبي غير آباد زمين کي شاد ۽ آباد ڪن پوءِ صحيح معنيٰ ۾ مرحوم حبيب الله ڀٽي جي روح کي تسڪين ملندي، ٻي حالت ۾ اسان جون ڪوششون راهگان ٿي وينديون. ۽ رڳو ورسين جي ملهائڻ تائين محدود رهنديون. منهنجي بزرگ مرحوم قبله لطف الله بدوي صاحب ڪهڙو نه سهڻو نقطو بيان فرمايو آهي:

اي وطن جا نوجوان هيءَ عمل جو وقت آ.
ملڪ جي هر ذري ۾ ڦٽڪي رهيو آ انقلاب.
مان مگر غافل اوهان، ان سوز کان مائل به هوش.
سهينڊ سرمي کي ٿا سمجهون زندگي جو آب تاب.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان ۾ ذميداري سان گڏ خودشناسي جو احساس هئڻ گهرجي. جيڪڏهن انهن جهڙا جوهر پيدا نه ٿي سگهيا ته اسان ڪڏهن به سربلند ٿي نه سگهنداسون.

اسان جي نيڪ تمنا آهي ته شڪارپور ۾ ادبي ماحول

پيدا ٿئي جنهن ۾ قومي بقا ۽ ادبي ارتقا، سماجي اصلاح ۽ فڪري واڌاري ۽ سڌاري جي ڪوشش ڪريون ۽ پنهنجي بزرگن جي نقش قدم تي هلي انهن جي ڇڏيل ميراث کي يڪجاه ڪريون. اديب ۽ شاعر پيدا ڪريون نہ فقط انهن جي ڪارنامن کي سڌاريو ۽ اجاريو وڃي پر ان ۾ سنجيدگي ۽ صلاحيت سان گڏ تعميري ۽ آفادي روح بہ پيدا ڪريون چوتہ تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائي ٿي هرشي وري واپس اچي ٿي.

”تلڪ الايام نـدا ولها بين‌الناس“

مرحوم حبيب‌الله جي کهڙي گهڻن کي ياد ڪريون ۽ کهڙن کي ڇڏي ڏيون مان آخر ۾ سندس لاء هي چئي سگهان ٿو:

بناکر دند خوش رسمے بہ خون و خاک غلطيدن
”خدا رحمت کند اين عاشقانِ پاک طينت را“

جهانگير "زاهد" راهوجو
ڳوٺ وڳڻ

# هڪ يادگـار آهي:

رنج و الم ۾ بزم آ اڪ اشڪبار آهي،
شعر و سخن جي محفل اڄ سوڪوار آهي.

هر دلعزيز شاعر محسن حبوب الله جـي،
ورسي ڇٺون ٿا جنهن کي هڪ يادگار آهي.

مغموم پـاءُ نعمت، احسان ۽ عطاءالله،
ننڍڙو نجيب ڪيڏو اڄ اشڪبار آهـي.

ابن اديب شاعر جـــو ناگهاني موت،
سنڌي ادب لئه بڻيو اڄ دل فگار آهي.

"زاهد" اڪيلو غم ۾ شامل نه آهي ان سان،
ڏک ۾ شريڪ تنهن سان هر نامدار آهي.

ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

## جي علمي ۽ ادبي عظمت

اڄ نه اوطاقن ۾ تازا پتر ڪک،
آديسي اٿي ويا، پيئي اڏامي رک،
سامي ڪئي سنک، وڃائي واٽ ٿيا. (شاهه)

اڄوڪو ڏينهن جنهن استاد، اديب، مفڪر، دانشور ۽ شاعر جي ياد ۾ ملهايو پيو وڃي، اها غيرفاني شخصيت، محترم دوست حبيب الله ڀٽو جن جي آهي، جنهن کي نه فقط سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقه ۾ شهرت حاصل هئي، پر ان سان گڏ پاڪستان جي هر هڪ صوبي ۾ سندس عظمت کي ياد ڪيو وڃي ٿو. لوڪرام ڏوڏيجا جي ديوناگري تحريرن مان ڏسجي ٿو ته هن مخلص انسان جي عظمت جي سرهاڻ برصغير هند و پاڪ تائين هر ذي شعور نفس کي معطر ڪري ڇڏيو.

شڪارپور جي هن تاريخي شهر ۾، هر دور ۾، جتي جيد عالم، بزرگ، اولياءَ، صوفياءِ ڪلام ۽ سياستدان پيدا ٿيا ته ٻئي طرف علمي ۽ ادبي حلقه ۾ دانشور، محقق، اديب ۽ شاعر به پيدا ٿيا، جن پنهنجي سڄي زندگي قلمي فيض سان سڦلي ۽ سجائي ڪئي.

مرحوم حبيب‌الله صاحب، علمي ۽ ادبي خدمتن ۾ همه تن مصروف رهندو آيو. انهيءَ حد تائين جو، آخري ايام زندگي تائين سندس قلم ڪليل رهيو. مرحوم پروفيسر لطف‌الله بدوي ۽ مرحوم آغا عبدالنبي خان ”عليگ“ جن جي متاثر ڪندڙ علمي ۽ ادبي ڪوت جو پورائو ڪندو آيو ۽ اسان کي مايوسي ۽ محرومي جي ڪيفيت کان ادبي تحفظ بخشيندو آيو.

مرحوم پٺو صاحب، منهنجي قريبي معاصرن مان، پنهنجي جاءِ تي اعليٰ مقام رکندڙ هو. مرحوم سان منهنجي اخلاقي ۽ ادبي دوستي، تقريباً ۵۲ سالن کان هلندڙ هئي. ڪنهن به موقعي تي، ڪڏهن به مايوس حال نظر نه آيو.

مرحوم جي ادبي خدمات تي نظر ڪجي تي ته سندس ادبي ۽ علمي جواهر پاره، هر شعبهء حيات جو جهنگارنظر ايندا. منهنجي خيال ۾ تقريباً ۴۰۰ کن مضمون، مقالا ۽ شعر و شاعري جا گوهر- افشان سنڌ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. انهن مان ماهوار نئين زندگي، اخبار تعليم، روزانه هلال پاڪستان ۽ روزانه عبرت وغيره قابل ذڪر آهن. مرحوم جي لکڻ جو ڍنگ ۽ رنگ نرالو هوندو هو ته ٻئي طرف سندس تحقيق جو انداز نهايت مضبوط ڪڙي تي ٻڌل هو، جنهن ڪري سندس ادبي معيار بيحد وسعت اختيار ڪري ويو.

مرحوم ابتدائي استاد جـي حيثيت ۾ تعليم کاتي ۾ ملازم مقرر ٿيو ۽ ثانوي استاد جي حيثيت ۾ پينشن تـي آيو. ملازمت کان فراغت حاصل ڪرڻ کان بعد، پنهنجي ادبي سرمايہ کي وڌائڻ جـي ڪوشش ڪندو رهيو. هن سلسلي ۾ سندس تحقيقي ڪتاب ”سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين“ قابلِ ذڪر آهي. هي ڪتاب مارچ ۱۹۷۳ع ۾ شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ مرحوم ست سمنڊ پار جي انهن رهواسين جو ذڪر آندو آهي، جـن سنڌي ادب جي خدمت ۾ علمي، ادبي ۽ دماغي سرمايہ خرچ ڪري قوم کي روشناس ڪرايو.

مرحوم جي شخصيت تي نظر ڪجي ٿي تـہ نهايت خوش اخلاق ۽ فرخنده خصال بيمثال انسان هو، جنهن ۾ انسانيت جون بيشمار خوبيون سمايل هيون، سندس نهٺائي، تواضع ۽ همدردي سندس زندگيءَ جا انمول اصول هئا.

اهـو انسان سدائين زنده ۽ جاودان آهي، جيستائين سندس نيڪ ڪارناما دنيا جي ماڻهن لاءِ رُشد ۽ هدايت لاءِ موجود آهن.

”هرگز نہ ميرد آنکه دلش زنده شد بہ عشق
ثبت است بـرجيده عالـم دوام مـــا“

اسان جي دعا آهي تہ اللہ تعاليٰ هن نيڪ دل انسان کي جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي. آمين.

شڪارپور جي عظيم فرزند

۽ سماجي ڪارڪن

## مرحوم حبيب الله ڀٽو

## جي ڪيل خدمات لاءِ

# خراج تحسين

## پيش ٿو ڪريان

پاران:

وڏيرو قمرالدين ٻيهو

شڪارپور سنڌ

امر جليل

# منهنجو رهبر

[مرحوم حبيب الله ڀٽو جـي ڀهرين
ورسيءَ تـي سندس فرزند ڏانهن
اسلام آباد کـــان لکيل محترم
امر جليل جو خط]

پيارا نعمت الله.

قرباڻي خط لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان. سائينءَ جن جي ڀهرين ورسيءَ تي اچي نـه سگهندس. باقي اوهان سان ويڙهيچن وارو وچن آهي، تـه جڏهن بہ سنڌ اچڻ ٿيو، پيرو پرڻ ضرور ايندس.

پنهنجي اوائلي دور جا مون کي بہ استاد سدائين ياد رهيا آهن، ۽ سدائين ياد رهندا. هڪ سائين حبيب الله جن ٻيا سائين عبدالعلي قلباڻيءَ جن. منهنجي آيري سيري ۽ عيبن هاڻي شخصيت ۾ چيڪي چار چڱايون دوستن ۽ دلبرن کي

نظر آيون آهن، انهن تي منهنجي ٻنهي استادن ۽ رهبرن جي ڇاپ لڳل آهي.

سمجهان ٿو، ڪجهه عرصو اڳ سائين حبيب الله جن متعلق ڪٿي ڪجهه لکيو هيم. ياد نه ٿو پوي ته ڪٿي لکيو هيم. اهو به ياد نه ٿو پوي ته ڇا لکيو هيم. فقط ايترو ياد ٿو پوي ته، عقيدت جا گل، لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ سائينءَ جي قدمن ۾ رکيا هيم. اڄ جڏهن هيءُ خط لکي رهيو آهيان، تڏهن اٺين ٻيو پايان ڇهن ورهين جا ويڇا لتاڙي پوئتي موٽي ويو آهيان. ڇهن ڪن سالن جو آهيان ۽ شڪارپور جي ان اسڪول ۾ ويٺو آهيان، جنهن جي متئين ماڙ تي مان بابا سان اڪيلو رهندو هوس، ۽ سائين حبيب الله جن ڪان علم ۽ روشنيءَ جا ٻهريان فيض پرائيندو هوس. ڪالهوڪي ڳالهه پئي لڳيم. چوٽيتاليهن سالن جو اڄي ٿيو آهيان. پوئين پهر جو مسافر آهيان. موٽي ويندس. ياد جي آسمان تي سائينءَ جن جي صورت آهي، ۽ سندن ڏنل ٻهرين درس جي تحرير آهي.

ها، ضروري ڳالهه بابت وضاحت رهجي ويئي آهي. اوهان سائينءَ ڏانهن منسوب ڪو مضمون لکڻ جو حڪم ڏنو آهي. سائينءَ جن سان مونکي جيڪا عقيدت آهي، ان ناتي جيڪر مضمونن جا انبار لکي روانا ڪري ڇڏيان! پر پاڻ، مان بنيادي طرح تخليقي ادب جو ليکڪ آهيان

ڪوشش جي باوجود مضمون لکي نه سگهندو آهيان. معذرت خواه آهيان. پنهنجي ڪوتاهيءَ تي نادم آهيان. شرمسار آهيان. جنهن شخص مون کي علم سان روشناس ڪرايو. جنهن شخص مونکي فهم جي فرهيءَ تي ٻهريون اکر اتارڻ سيکاريو. جنهن شخص منهنجو منهن هميشه لاءِ روشنيءَ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ان رهبر ۽ رهنما متعلق ڪو مضمون نه لکي سگهڻ جو ڏک پگهل شيشي وانگر منهنجي روح ۾ چڀي رهيو آهي. آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهيان. پنهنجي بيوسيءَ تي ڦٽڪي رهيو آهيان. اک جي آلاڻ مَس جي سياهي تي نه سگهي آهي. مضمون منهنجي وس کان ٻاهر ڇو آهي؟ مون بار بار عرش کان پڇيو آهي. مون کي ڪو به جواب ملي نه سگهيو آهي. ها، هڪ آواز لاڳيتو ۽ مسلسل ايندو رهيو آهي ته ليڪُ ۾ لکندو ره، جو تو کي خدائن جي خدا وٽان لکڻ جو حڪم مليل آهي. ياءُ نعمت الله. مان حڪم جي بجا آوري ڪري رهيو آهيان. اتاولي روح ۽ وحشي طبيعت کي لفظن جي زنجير ۾ جڪڙي رهيو آهيان. اندر جي اڌمن کي ڪاغذ تي اتاري رهيو آهيان. شخصي سوچ جي مداخلت کان سواءِ مان لکي رهيو آهيان. مان حڪم جي بجا آوري ڪري رهيو آهيان. مان لکي رهيو آهيان.

مان ان هٿ سان لکي رهيو آهيان، جنهن هٿ جي

مٿ ۾ مون پنهنجي پهرين محسن، مهربان ۽ استاد جـي اشهد آگر جهلي هٿي. ان آگر جي گرمي اڄ به مون کي پنهنجي هٿن ۾ محسوس ٿي رهي آهي. مان بدنام ۽ بچڙين تحريرن جي وچ وچ ۾ جوڪي به چار چڱيرڙيون تحريرون وطن کي ڏيڻ سگهيو آهيان، سي سموريون تحريرون ابتدائي اوسر جون احسانمند آهن. اسين انهيءَ جا پيروڪار آهيون جيڪي سون تي سهڻ نه متاثيندا آهن. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻيا به استاد ڏٺا آهن. پـر عشق جي ڇٽنگ جن رهبرن جيءَ سان جوڙي ڇڏي سي آئم آهن، سي عظيم آهن هڪ سائين حبيب الله ۽ ٻيو سائين عبدالعلي قلباڻي.

مان شڪارپور ضرور ايندس نعمت الله. اهو اوهان سان منهنجو واعـدو آهي. شڪارپور سان انس جي هڪ سبب جـو ذڪر ڪري چڪو آهيان. ٻئي سبب جو ذڪر نـه ڪندس. ٻئي سبب جي ذڪر جـي آرزو ڪٺي مان مري ويندس. ٻاهر ٻول نه ڪيندس. ڪعبو ۽ ڪليسا ڏاهن جي حيثيت ۾ هجان هـا تـه جيڪو ٻئي شڪارپور ۾ عقيدتن جي پورهئي سان تيار ڪيان هـا. مون جوڳ ورتو آهي. ڪعبا ۽ ڪليسا منهنجي وجود ۾ محفوظ ٿي ويـا آهن. زندگيءَ جي ڪا گهڙي اهڙي نـه گذري آهي جو سـر سجدي مان مٿي ٿي سگهيو هجي. ماڻهن ۽ مان منهنجي خلاف الحاد جي فتوا تہ ڏيئي ڇڏي آهي. پر منهنجي مٿي

تـي سجدن جو محراب ڏسي نـہ سگهيا آهن. ملحو عشق جي بارگاه ۾ ڪشڪول ڪٿي نہ کڻندا آهن. منهنجي هڪ هٿ ۾ ڪشڪول آهي، ۽ ٻئي ۾ تسبيح. زبـان تارونءَ سان لڳل آهي ۽ دل ۾ فقط هڪ ئي ذات جو ذڪر ۽ فڪر آهي. ڪنهين سان ڪا شڪايت نہ آهي. ڪنهين سان ڪا ڪلا نـہ آهي. وقت وقت جـي ڳالهہ آهي. دل عبادتگاهہ آهي. ڪلهن تـي محروميءَ جي احساس جـو صليب آهي. اسين اڻسونها نہ عيسيٰ جا رقيب تـي سگهيا آهيون ۽ نہ عيسيٰ سان همرڪاب ٿي سگهيا آهيون. عيسيٰ نذرت جي گهٽين مان صليب ڪٿي لنگهيو هو. مان شڪارپور جي گهٽين مان صليب ڪٿي لنگهندس. مان اوهان سان ملڻ ضرور ايندس.

مضمون ڏيئي نہ سگهيو آهيان، ان لاهہ مون کي ڏک آهي نعمت الله! معافيءَ جو طلبگار آهيان. ها، هڪ ڳالهہ ضرور ياد رکجو تہ جنهن ڏينهن اوهين سائين حبيب الله جي ورسي ملهائـي رهيا هوندا، منهنجو روح هجوم ۾ موجود هوندو. اوهان وٽ هوندو. اوهان سان شامل حال هوندو. منهنجي حق ۾ دعا ڪجو.

اوهانجو

امر جليل

### "نقش" ناياب ھالڪي

# محفل کي گھائي ويو...

حبيب الله سچ ۾ منھنجو ھتان منھنڙو مٽائي ويو،
لڏي لاھوت سامين سان سدائين پيچ پائي ويو.

وسارڻ سان نٿو وسري ڪئي مون بارھا ڪوشش!
ويو وينجھار محفل مان سچي سنڌڙي کي گھائي ويو.

ڪئي ھن علم جي گلزار جي خدمت سچائي سان،
ھو پنھنجن ۽ پراين سان سدائين نينھن نڀائي ويو.

نہ آھي يار محفل ۾ سندس اڄ ياد باقي آ،
ويو مھراڻ جو ماڻڪ سچي محفل کي گھائي ويو.

سوين شاگرد ۽ پيارا ڏسان ٿو اڄ پيا روئن ٿا،
اڪيلي سر ويو، رڻ ۾ اسان کي پڻ رلائي ويو.

ٿئي محسوس ٿو مون کي اڃا چڻ حيات آھي،
بظاھر ھن جي رحلت ٿي ۽ پنھنجو پاند ڇڏائي ويو.

چون ٿا "نقش" کي ناياب پراڻ لب حبيب آھي،
خوشي ۾ کل ٿي کل سان جوھ ڇڏي منزل مٽائي ويو.

ڊاڪٽر دره محمد پٺاڻ

# منهنجو بزرگ دوست

حبيب الله ولد مولابخش ڀٽو جي ولادت ١- نومبر ١٩١٧ع ۾ ٿي، سنڌي فائينل جو امتحان ١٩٣٣ع ۾ پنهنجي پاڙي واري اسڪول ”قاضي محلا پرائمري اسڪول“ مان پاس ڪيائين، انهيءَ اسڪول کي تنهن زماني ۾ ”نادر وارو اسڪول“ ڪري ڪوٺيندا هئا. ان کان پوءِ تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان ملازمت ڪيائين. انهيءَ عرصي دوران ١٩٤١-٤٢ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد مان پهريون سال، ۽ ١٩٤٨ع ۾ ٽريننگ ڪاليج، سکر مان ٻيو سال استادن جو تربيتي ڪورس پاس ڪيو، هن صاحب ميٽرڪ، فرسٽ ايئر ۽ انٽر ميڊيئيٽ ڪلاسن جا امتحان، سال ١٩٥٥ع ۾، هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿي وڃڻ کان پوءِ، خانگي طور تي ڏنا. جن مان پهرين ٻن ۾ سيڪنڊ ڊويزن پاس ٿيو، پر امتحان جي انگريزي جي پيپر ۾ مارڪن گهٽ هئڻ سبب ناپاس ڪيو ويو. حبيب الله ڀٽو صاحب ١٩٣٦ع ۾ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي دنيا ۾ داخل ٿيو، سنڌي ۽ اردو اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس اڻ ڳڻيا

مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا. ريڊيو ۽ ٽي- وي تان به سندس خاڪا ۽ تبصرا نشر ٿيا، سندس ڪتابن جـو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

١- "رسول مقبول" (مذهبيات ١٩٥٦) ٢- "اقوال دانش" (اخلاقيات ١٩٣٨ع) ٣- "سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين" (شخصيات ١٩٧٣) ٤- "حضور اڪرم" ٥- "سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا" (اڻ ڇپيل) ٦- "جاگرافي تعلقہ شڪارپور" ٧- "جاگرافي ضلع سکر" ٨- "اسان جي جدوجهد". پنڃي صاحب جا مضمون ۽ مقالا تہ آئون گهڻي وقت کان وٺي پڙهندو ٿي آيم. ليڪن ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي هئي. مون جڏهن ڪراچي مان شايع ٿيندڙ هفتيوار "آزاد" ۽ "سگهڙ سنگت" نالي صفحو لکڻ شروع ڪيو تہ حبيب الله صاحب انهن اديبن مان هڪ هيو، جن منهنجي ڪوشش کي ساراهيو. انهيءَ کان پوءِ سندس ڪتاب "سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين" تي ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان تبصرو ڪرڻ جو موقعو مليو. انهيءَ اڌ ڪلاڪ جي تبصري پنڃي صاحب کي ڏاڍو متاثر ڪري ڇڏيو. اهڙين ڏـي حالتن ۾ هڪ ڏينهن وفائي صاحب وٽ ساڻس ملاقات ٿي. منهنجي قد بت ۽ چمڙي کي ڏسي ڪيس اعتبار ئي نہ ٿي آيو تہ ڪو آئون درحقيقت پنهنجي سڳهان ٿـو. هن صاحب کـي منهنجي لکڻين ۽ قد بت ۽ چمڙي ۾ ڪابہ

هڪجهڙائي نظرنہ ٿي آئي، پر جڏهن وفائي صاحب جي زور ڀرڻ تي اعتبار ڪيائين تہ ڏاڍو خوش ٿيو. انهيءَ وقت مونکي ائين لکيو هو تہ ڀٽو صاحب پنهنجي نئين نسل جي جاڳوڙ ۽ خدمت کان ڏاڍو مطمئن ٿيو آهي. انهيءَ کان پوءِ حبيب الله صاحب جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هو تہ ضرور ديدار ڪرائيندو هو. خطن جو سلسلو بہ جاري رهيو، ۽ مرحوم سرڻ گهڙيءَ تائين قرب ۽ وفا جي ناتن کي نہ ٽوڙيو. وفات کان ڪجهہ وقت اڳ جڏهن ڪراچيءَ ۾ آيو تہ اسان پاڻ ۾ فيصلو ڪيو تہ گڏجي هڪ منصوبي تي تحقيقي ڪم ڪرڻ گهرجي. عنوان چونڊيوسين "ورهاڱي کان اڳ جا اشاعتي ادارا".

جيئن تہ آءٌ ڪراچيءَ جي اشاعتي ادارن تي اڳ ۾ ئي تفصيل سان لکي چڪو هئس. ان ڪري اسان اڳيان باقي حيدرآباد، شڪارپور ۽ سکر جا اشاعتي ادارا وڃي رهيا. مون وٽ انهن شهرن جي بہ ڪيترن ادارن جي معلومات رکي هئي. فيصلو ٿيو تہ "اتر سنڌ" جي ادارن تي مرحوم ڀٽو صاحب لکي ۽ "ڏکڻ سنڌ" جي ادارن کي آئون هٿ ۾ کڻان. مون وٽ هريسنگ ۽ پوڪرداس جي ادارن جي جيڪا بہ معلومات هئي، سا مون سندس حوالي ڪئي، ۽ مرحوم صاحب مونکان ڪلهي موڪلائي هليو ويو. ليڪن مون کي ڪهڙي خبر تہ اها سندس آخري موڪلائي آهي،

روح اسان جي بيقدريءَ تي اجا بيچين هوندو. مرحوم "سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين" ڪتاب لکڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي ته ڪي ادارا سندس همت افزائي ڪن. ليڪن ورڻس ڪي به ڪين. سندس خواهش هئي ته من انهيءَ ڪتاب کي "لائبرري جي ڪتاب" طور منظور ڪيو وڃي. پر ڪنن ۾ ڪپهه پيل ڪامورن سندس درد جي دانهن ڪانه ٻڌي. نئين موضوع تي لکيل هي بيبها تحقيقي ڪتاب سندس حياتيءَ جي آخري ڏهاڙن تائين هن اکيان ڏک جي صورت ۾ رهيو. مفت ۾ ڪاپيون ورهائڻ بعد به وٽس ڪيترائي ڪتاب بچي پيا، ليڪن سندس زندگي ڪٽڻ پئي، وس وارو ماڻهو بـي وس ٿي پيو. پر سندس عزيز ۽ دوست ته اجا وس وارا آهن. شل ڏئي اسان کي همت ڏئي ۽ اسان اهو ڪجهه ڪري سگهون جنهن سان مرحوم جي روح کي تسڪين ملي.

●

## مرحوم حبيب الله ڀٽو

پنهنجي قلم وسيلي، جيڪا هن ڏنڍيل شهر جي خدمت ڪئي، سا ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي.

## مان خراج عقيدت پيش

ڪندي، دعا ٿو ڪريان ته الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائيندو.

ٻاران:

**ديدار احمد شيخ**

عمران ٽيليويزن سينٽر

ڊڪ بازار شڪارپور

---

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين.........

## مرحوم حبيب الله ڀٽو

غريبن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هجڻ سان گڏ هڪ بلندپايه اديب پڻ هو.

مان سندس خدمتن جي اعتراف طور

## کيس خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

ٻاران:

**محمد حفيظ ميمڻ**

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور

ثناءالله شيخ

# مخلص دوست ۽ سماجي ڪارڪن

منهنجي ملاقات سائين حبيب الله مرحوم سان اپريل ۱۹۴۴ع ۾ ٿي جڏهن مان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ڇهين درجي ۾ داخلا ورتي. ان زماني ۾ مرحوم سنڌي اسڪول جو استاد هو. احترام طور اسان سڀ ڪهس سائين جي نالي سان پڪاريندا هئاسون. اسڪول جي شاگردن کي تقريرون لکي ڏيندو هو ۽ وقتي جذبات ۾ اچي، خود به تقرير لاءِ اسٽيج تي ايندو هو.

۱۹۴۶ع ۾ مسان شڪارپور سوشل ائسوسيئيشن جو چيئرمن چونڊيو ويو. هن جماعت جي زير سايه ۱۲ لئبرريون ۶- بالغن جي تعليم جا مرڪز ۽ ۴- ريڊنگ رومس هلنديون هيون. سائين مرحوم پانهن پهلي هو. ڪيس بالغان تعليم جي مرڪزن جي امتحان وٺڻ ۽ نگراني جي جوابداري سونپيم. الوحيد اخبار پنهنجي خرچ تي ٻن ريڊنگ رومس ۾ جاري ڪرايائين. سماجي ۽ سياسي ڪمن ۾ جانفشاني ڪانسواءِ مسلم ٻارن جي پڙهائي کي به قومي فريضو

سمجھندو هو. بنا معاوضي هاه اسڪولن ۽ ڪاليج جي شاگردن کي سنڌي ڪورس پوري ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو هو. ڪيترا سنڌيءَ ۾ ايم. اي وارا شاگرد وٽس مدد لاءِ مون ڏٺا، حالانڪ سندس تعليم انٽرآرٽس تائين هئي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪلاس ۾ يا ٻاهر ڪوبه ڪورس اڌ ۾ نه ڇڏيائين. هڪ فرض شناس استاد هو.

١٩٤٧ع ۾ شڪارپور مان اسان "اڳتي قدم" رسالو ڪڍيو ته اسان سان سائين به شامل حال هو. سندس سوچ ۽ مدد سببان اڄ بہ ادبي گهواري ۾ هن رسالي جو نالو زنده آهي. اياز شيخ، گنگارام ۽ مونسان مرحوم احسان الله بدوي به شانہ بشانہ هو. ڏاڍي جاکوڙ ڪيائين. رسالي جي ذريعي نوان ليکڪ پيدا ڪرڻ ۾ نہ گهٽتايائين.

١٩٤٧ع جي آڪٽوبر ۾ مون وٽ حيدرآباد آيو جتي مان مسلم ڪاليج ۾ انٽرآرٽس پڙهندو هوس. مان رضاڪارانہ طور، سول اسپتال ريفيوجي ڪئمپ جو انچارج هوس. مون سان گڏ اسپتال هليو. اتي هن مسلم نوجوان ڇوڪري تنگن ڪپيل ڏٺي ۽ ڪيترا ٻيا به زخمي ڏسي، روئي ويٺو. دل جو ڏاڍو نرم ۽ حساس هو. ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اها ساري رات اچندو رهيو.

پاڪستان بعد مون دادوائي روڊ شڪارپور تي "پاڪستان لئبرري" قائم ڪئي جنهن ۾ ڊبيٽنگ ۽ نيشنل

هو. ڊاڪٽر ڪان سڌي ۴۲۰ جي فرياد ۾اڻ وٽ داخل ڪرائي، مقصود صاحب وارنٽ ڪٺي پاڻ شڪارپور آيو ۽ مرحوم مجرم کي پنهنجي گڏيءَ ۾ چاڙهي، ڊاڪٽر وٽ پيش ڪيو جتي ڪيس پياري سزا ملي جو ڪيس هفتو رهائي باعزت شڪارپور پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر ڇڏي ويس.

۱۹۷۱ع ڪان ۱۹۷۲ع تائين جيڪب آباد ۾ بشيراحمد مورياڻي صاحب ڊپٽي ڪمشنر، ڊاڪٽر انور صاحب مرحوم ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ۽ مان ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر اسڪولس هو. سائين جيڪب آباد گهڻو آيو ۽ ڏاڍيون ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون ٿيون. محفليون متيون ۽ مجلسون ٿيون. ٻه چار ڏينهن پنجي ويندا هئا ته اسان مان ڪو ڳوٺ اچي، ڪيس وٺي ويندو هو. عيد ڳوٺ ۾ پڙهڻ بعد اسان جيڪب آباد پهچندا هئاسون.

۱۹۷۴ع ۾ منهنجي ايام ڪاريءَ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جي پلاٽينم جبلي ملهائي وئي. جنهنجي تياري سانده ٻن سالن کان ڪئي ٿي وئي، ان تقريب جي تياري ۾ اهم ڪردار مرحوم به ادا ڪيو. اسڪول جي اسٽاف مان اٽڪل چاليهه کن سينئر استاد هئا مگر ان هوندي به مرحوم پلاٽينم جوبلي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ تي ڪنيو ويو سوينئر ڪاميٽي جو سربراهه ڪيس ڪيو ويو. ۽ وقتاسر سوينئر ڇپرائڻ سندس تحسين جوڳو ڪارنامو آهي. جوبليءَ جي

سلسلي ۾ ڪاميٽيءَ طرفان چندو وصول ڪرڻ لاءِ سيلاني نمائندو مقرر ٿيو. پوريءَ تقريب لاءِ سندس مشورو مفيد ثابت ٿيو. اڄ ڏينهن تائين شهرواسين جي دلين تي اها نقش ٿيل آهي ۽ اسان فخر ڪرڻ ۾ بجا آهيون.

١٩٧٥ع ۾ ڪراچيءَ واري اسڪائوٽ ڪمپوريءَ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جي جنهن شاگرد ڊبيٽنگ چمپين شيلڊ جيتي، سو به سندس تيار ڪيل هو.

١٩٧٥ع ۾ هينري هالنڊ اکين جي اسپتال جي بلڊنگ سنڌ صوبائي حڪومت تحويل ۾ ورتي. مرحوم سنڌ صحت کاتي کي چندي ڏيندڙ جي لسٽ جو فوٽو ۽ هيرانندخيراتي اکين جي اسپتال جي بورڊ جا فوٽا ڊاڪٽر انورعلي شيخ ايڊيشنل سيڪريٽري صحت جي معرفت پيش ڪيا جي شاهدي طور ڪورٽ ۾ پيش ڪيا ويا. ساڳئي سنہ ۾ سب ڊويزنل سوشل ويلفيئرائسوسيئيشن شڪارپور ان اسپتال واري بلڊنگ ۾ اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي، ان ڪاميٽيءَ تي مرحوم کي ميمبر جي حيثيت ۾ کنيو ويو ۽ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو.

شڪارپور جي باري ۾ جيترو هن لکيو، شايد ڪنهن سوچيو هجي. هر پهلوءَ تي هن طبع آزمائي ڪئي،ٽي- وي ريڊيو وارن به ڪائنس ان ڏس ۾ مدد ورتي. ”جشن شڪارپور“ جي ڪاميٽيءَ جو به ميمبر هو. شڪارپور کي ضلع جو

درجو ڏيارڻ ۾ سندس تحريرن جو هٿ هو. شڪارپور ۾ ڪارخانا لڳائڻ به سندس تقاضا هئي جنهن لاءِ جدوجهد ڪيائين.

شهر به سندس ٽورو نه رکيو. آخر ۾ ميونسپل ڪائونسلر ٿيو جو سندس ڪاوشن جو نتيجو هو. هڪ بيباڪ ۽ منصف مزاج هو. هن هميشه ظلم جي نشاندهي ڪئي ۽ ظالم سان ٽڪر کاڌو. منجهس رک رکاءُ جي عادت نه هئي ۽ نه وري بيجاءِ خوشامند پسند هو. سندس موت بيوقتائتو سانحو آهي. ان سببان جو خال پيدا ٿيو آهي سو ڀرُ ٿيڻ ناشدني آهي. ٽي- وي ۽ ريڊيو وارا به رڪارڊ ڪرڻ لاءِ وٽس ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ وٽي ايندو هو يا ڪڏهن ڪنهن ٻئي دوست کي شڪرگذاريءَ جو موقعو فراهم ڪندو هو. هو هڪ تحريڪ هو ۽ منجهس اڳواڻيءَ جون صلاحيتون هيون. هميشه سمجهي سوچي قدم کڻندو هو ۽ ڪيس ڪڏهن به پڇتائڻو نه پيو.

مون کيس هڪ مخلص دوست، هر پيشيور شهري، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ پرکيو ۽ آزمايو ڏٺو ته هر لحاظ کان معماري موزون هو. شهر جو هڏڏوڪي هو. قدرت کيس شهر جي خدمت ڪرڻ جو موقع ڏنو مگر وقت ساٿ نه ڏنو. هڪ عظيم ڪارڪن شاندار ڪارنامن سان پنهنجو نالو زنده ڪري ويو آهي جو اسان لاءِ روشن مثال آهي.

# قطعات، بعنوان "شهر - حبيب"

آه زاري ٿـي ڪري هن شهر جي هرڪا ڳلي،
ڪو ويو هـن کي ڇڏي آ مرد مومن حق بيان،
جنهن گذاري عمر ساري لوڪ جي خدمت ڪري،
سو حبيبِ شاعري ۽ نثر جـو روح - روان.

---

اي حبيب الله توکـــي صاحب- همت چوان،
يـــا حقيقت آشنا يـا ماهر - فطرت چوان،
خلق جي تـو زور تي پنهنجو ڪيو پيرو جوان،
شهر ويران جي مان توکي آخري برڪت چوان.

---

صاحب- اخلاق هـو ۽ دل جوان روشن ضمير،
مرد دانا ۽ سچارو، علم جـو گوهر حبيب،
سو ته شعر و سخن ۾ استاد هـو "مشتاق" جو،
ٿـي جدارو ُهو اسان کان آ ويـو دلبر حبيب.

---

ڪونه هتڙي ڪو ٽڪندو سڀ ڇڏي ويندا جهان،
ڪو هتي قطري مثل ۽ ڪو هتي دريـا سمان،
علم جي قنديل جنهن روشن ڪئي "مشتاق" سو،
هـو حبيب الله بيشڪ فيض جـو بحر - روان.

پروفيسر غلام حسين پٺو

# سائين حبيب الله پٺو

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

شڪارپور جو شهر سنڌ جو پئرس سمجهيو ويندو هيو. هتان جي مقدس مٽيءَ مان اهي املهہ موتي ۽ ماڻڪ پيدا ٿيا جن جو جلوو دور دور پهتو. هن شهر جي گلستان جي آبياري ڪرڻ واريون ڪيتريون هستيون ٿي گذريون آهن. هن ئي شهر جي چمن مان هڪ خوشبوءِ دار گل ٽڙيو جو سائين حبيب الله جي نالي سان معروف ٿيو. سائين حبيب الله هڪ بلند قامت، بي باڪ ۽ خوددار شخصيت جو مالڪ هيو ۽ زندگيءَ جون ٦٣ بهارون ماڻي هميشہ لاءِ الله جو حبيب بڻجي ويو. سائين حبيب الله انهن هستين مان هڪ هو جن بي لوث خدمت سچي محنت ۽ خودداري جي بنياد تي پنهنجو سڪو ڄمايو. هن جي شروعاتي زندگي هڪ پرائيمري استاد سان ٿي. پاڻ هڪ مڃيل ۽ مڪمل استاد هئا. سنڌي پڙهائڻ جو ڍنگ نرالو هو. ١٩٥٦ع ۾ جڏهن

هو سنڌي سبجيڪٽ جا ماهر مقرر ٿي هاءِ اسڪول ۾ آيا ته ان وقت ناچيز مشترڪ جو شاگرد هو. سائين حبيب الله اسان کي سرُ سارنگ پڙهائڻ لڳو جو ان وقت ۾ اهو سرُ ڪورس تي رکيل هو. سائين جن، هن سُرکي ايترو ته واضح ۽ سهڻي نموني سمجهائيندا هئا جو سڀ شاگرد ان ڳالهه تي حيران ٿي ويندا هئا ته سائين جن ڄڻ لفظن جي انسائيڪلوپيڊيا هئا. هرهڪ لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون ۽ مطلب ته ڪوئي سائين کان سکي. هڪ بيت کي پورو هفتو لڳاياائون ۽ چوڻ لڳا ته جي ڪورس پورو ڪرڻ جو فڪر نه هجي ته اڃان به ان بيت تي اءُ ڳالهائي سگهان ٿو. اهو بيت اڄ به اسان کي ياد آهي جو سامعين جي اڳيان پيش ڪريانٿو.

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪني چوليِ،
پريان سنڌي پار جي ڪوڻ نه ڪوليِ،
آءُ لالن موتيِ، گهورڻا رسڻ ڏينهڙا.

سائين حبيب الله نه فقط بهترين استاد هئا پر شاعري، ادب، تقرير، تحرير، صحافت ۽ سياست جي ميدان ۾ پڻ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اڻون چوڻ بيجاءِ نه ٿيندو ته هو پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ادارو هئا. پاڻ قوم پرست، وطن پرست ۽ انسانيت پرست هئا. سندن مضمون ۽ شاعري سنڌ جي مشهور اخبارن ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا. هنن مضمونن جي لسٽ تمام طويل آهي. شهر جي بهتري ۽

جيڪو پروگرام ڪاسٽ ٿيو ان ۾ سائين شڪارپور جي معلومات کي چڻ ڪوزي ۾ درياه پيش ڪيو. سامعين ۽ ناظرين کي اهو پروگرام هميشه ياد رهندو. ١٨ اپريل جي المناڪ رات جو هن چراغ جي روشني ختم ٿي وئي ۽ اسان جو سائين حبيب الله هميشه رب جو حبيب ٿجي ويو.

انالله و اناالیه راجعون.

مرحوم حبيب الله ڀٽو

هڪ بيباڪ صحافي ۽

محلتي ڪائونسلر هو.

مان کيس

# خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان.

پاران:

سيد سرفراز علي شاهه

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور

غلام قنبر ابڙو

# لاهوتي لڏي ويا

## آه! استاد حبيب الله ڀٽو

شڪارپور شهر جـي مردم خيز زمين هميشه اعليٰ شخصيتن کي جنم ڏيندي آهي، ڏيندي رهي ٿي ۽ ڏيندي رهندي. زندگي ۽ موت جو اڻ ٽٽندڙ سلسلو ابد کان ازل تائين ائين هلندو رهندو. هڪڙا ايندا پيا ويندا ۽ هي جهان جيڪو مهمان سراءِ آهي تنهن ۾ ميلو سدائين متل رهندو. هرڪو پنهنجون پنهنجون يادون، ڪردار، اعمال ۽ نقوش ڇڏي هليو ويندو. ڪجهه نقش عارضي ۽ ڦٽندڙ ته ڪجهه وري مستقل ۽ واضح رهجي ويندا. استاد حبيب الله صاحب جـا نقوش ۽ يادون ڪجهه اهڙيون آهـن جيڪي تاحيات قائم رهندا.

سال ١٩٥٠-٥١ع جـي اوائل ۾ راقم الحروف جڏهن گورنمينٽ قـاضي محلا پرائمري اسڪول ۾ داخلا ورتي، تڏهن هڪ بلند قـد و قامت، هماليه وانگر اڏول، گرجدار آواز ۽ سفيد لباس واري شخصيت نظر آئـي جـا مڙوئي

اُستادن کان سرس ۽ جاذب نظر هئي ۽ اهاڏي شخصيت جناب حبيب‌الله پٽي صاحب جن جي هئي، ڪجهه عرصي بعد گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ سائينءَ جن ساڳي طمطراق سان سنڌي پاڙهيندڙ استاد جي حيثيت ۾ سامهون آيا، هاءِ اسڪول جي ادبي، اصلاحي ۽ ٻين سماجي مشغولين ۾ هي صاحب هميشه ڀرپور ونندا رهيا ۽ انهن صلاحيتن سبب ئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي سؤ ساله پروگرام جي موقعي تي سووينئر کي ترتيب ۽ ڇپائڻ وارو مشڪل ڪم به سندن ئي حوالي ڪيو ويو.

سال ١٩٦٥ع دوران ڪجهه سنڌي علم ادب جي چاهه رکندڙ نوجوانن "سنڌي ادبي سوسائٽي" جو قيام عمل ۾ آندو، ان ۾ جناب حبيب‌الله صاحب جي خدمات ۽ مفيد مشورن جو ذڪر نه ڪرڻ سراسر ناانصافي ٿيندي.

مون جناب حبيب‌الله صاحب ۾ ٻين صلاحيتن، خوبين ۽ خصوصيتن کان علاوه جهڪي به خاص خوبيون ۽ جذبا ڏٺا، اهي هئا هڪ سنڌي علم و ادب کي فروغ ڏيڻ ۽ ٻيو شڪارپور شهر کي ترقي ڏيارڻ. ٻهرين ڏس ۾ سندن خدمات اهي هيون جو وقتاً فوقتاً علمي ادبي محفلون مچائيندا هئا. هڙئون توڙي وڙئون ٻيا ٻيا ڀال پلائيندا هئا ۽ انهيءَ ڏس ۾ خاص طور تي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد کي ناياب ڪتابن جو سٽون جي تعداد ۾ تحفو ڏيڻ سندن جذبي جي

صحيح عڪاسي ڪري ٿو. انڪانسواءِ شڪارپور جي مختلف ادبي تنظيمن سان پڻ وابسته رهيا.

٨ ڊسمبر ١٩٧٣ع تـي جماڻي هال ۾ جيڪا آل سنڌ ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ راقم الحروف کي به اسٽيج تي اچڻ جو موقعو مليو هو. انهيءَ ادبي نشست ۾ جناب حبيب الله صاحب جـن سامعين ڪرام کان تمام سٺو داد حاصل ڪيو. انڪان علاوه مرحوم آغـا عبدالنبي علهڪ جيڪي علم و ادب جا روشن چراغ هئا ۽ ادبي انجمن کي زنده رکندا پئي آيا ۽ جناب حبيب الله صاحب انهيءَ انجمن جا روحِ روان هئا. بزم سچل سرمست طرفان به حاضريون ڏيندا رهيا.

حبيب الله صاحب سان گهڻيون ڪچهريون چاچا سائين جناب مشتاق احمد ابـڙي حال مديـر هفتيوار ”شهباز“ شڪارپور وٽ ٿينديون هيون. جتي سندن علم و فضل کان مستفيض پئي ٿيو هو. جيستائين سندن بي خوبيءَ جو تعلق هو سو هو شڪارپور شهر کي سڌارڻ ۽ پوءِ ضلعي مقام ڏيارڻ. انهيءَ سلسلي ۾ مرحوم جون ڪوششون ناقابل فراموش آهن. شهر سڌارڻ جي اوني سان گڏوگڏ هـن کي پنهنجي قوم ۾ اتفاق ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ جو به جذبو هو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ صاحب موصوف شڪارپور ۾ پٺاڻ ويلفيئر ائسوسيئشن

قائم ڪرائي، جنهن ۾ ڪين سرپرستي ۽ صدارت جا فرائض سونپيا ويا.

مونکي ياد ٿو اچي ته آئون ١٩٧٥ع ۾ اڪيڊمي فار ائڊمنسٽريٽو ٽريننگ لاهور ۾هوس، مرحوم جو خط مليو جنهن ۾ مدعو ڪيو ويو هو ته شهر سدار تنظيم پاران شڪارپور کي ضلعي بڻائڻ جي سلسلي ۾ پلازا سئنيما جي اسٽيج تي هڪ اجتماع جو بندوبست ڪيو پيو وڃي ۽ مونکي به ان ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ڪجهه خيالات جي اظهار جو حڪم مليو. آءٌ حڪم جي تعميل ڪئي. مونکي ياد ٿو اچي ته پورو سئنيما هال پرجي ويو هو. ۽ انهيءَ پروقار تقريب ۾ جناب حبيب الله صاحب جي تاريخي ۽ جذبي جي صداقت واري تقرير يادگار رهندي. اڳتي هلي شڪارپور کي ضلعي هيڊڪوارٽر جي حيثيت ملي ۽ اهڙي خبر مونکي استاد موصوف ڪوئيٽا ڪنٽونمينٽ ۾ موڪلي ڏني ۽ انهيءَ سان ثابت ٿيو ته شهر سان کين ڪيڏي نه محبت هئي!

سال ١٩٧٩ع ۾ ميونسپل اليڪشن ۾ ڪائونسلر چونڊيو ويو ۽ اهڙي طرح سان کيس عملي طرح شهر کي سدارڻ ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ موقعو مليو.

١٩٧٩ع ۾ڪراچي ٽيليويزن پاران "وينجهار" پروگرام ۾ "شڪارپور ڊسٽرڪٽ" جي عنوان تي جيڪو پروگرام

ڪاسٽ ٿيو، ان ۾ جناب حبيب الله صاحب جي ڪاشهر جي باري ۾ معلومات فراهم ڪئي سا سامعين ۽ ناظرين کي هميشه ياد رهندي. سعيد ۽ سڪورا هٿا هٿ جناب حبيب صاحب جا جن کان راقم الحروف کي ساڳي پروگرام جي مقابلي ۾ پهريون انعام دستياب ٿيو. اهو منظر ۽ اها ساعت وسارڻ جهڙا ناهن.

١٨ اپريل ١٩٨٠ع جي رات جو هن گل جي روشني مرجهائجي وئي، ادبي دنيا ۾ سناٽو ڇانجي ويو. اسان کان اسانجو حبيب رُسي ويو ۽ اهڙي ماڳ تي پهتو جتان ڪو به واپس نه ٿيو آهي. سندن جنازه نماز ۾ زندگيءَ جي هر شعبي جي ماڻهن اشڪ بار اکين سان شرڪت ڪئي.

مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهتر طريقو اهوئي آهي جو سندن عام ڪاوشن کي ڪتابي صورت ڏيئي محفوظ ڪيو وڃي. منهنجي راءِ ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ان ڏس ۾ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿي.

●

شڪارپور جي عظيم فرزند

۽ سماجي ڪارڪن

مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي ڪيل خدمات جي پيش نظر

# خراج تحسين

پيش ٿا ڪريون

پاران:

قاضي الاهي بخش

ميونسپل ٺيڪيدار- شڪارپور

بدرالدين ابڙو

# مرحوم حبيب الله مولابخش ڀٽو

گذري جي ويا سي زمانا ياد پيا،
وسري جي ويا سي ترانا ياد پيا.

وقت ڇٺي آهي بادشاهه، جي چوڻيءَ مطابق وقت واقعي ڏاڍو مڙس آهي. هن جي اڳيان سڀ انسان لاچار ۽ بيوس آهن. هو چاهي ته مٽيءَ مان آنَ اُپائي سگهي ٿو ۽ چاهي ته موتيءَ جهڙن ماڻهن ۽ اعليٰ ماڻڪن کي موت جي معرفت ڌرتيءَ ماتا ۾ داخل ڪيو ڇڏي.

اڄوڪي ڏينهن وقت جي راڪاس اسان کان هڪ بي بها موتي کسي ورتو هو. سائين حبيب الله ڀٽي جي اڄ پهرين ورسي آهي. جسماني طور ته برابر اسان سائينءَ کي وڃائي چڪا آهيون، پر روحاني طور ڪوئي به ڪيس وساري نه ٿو سگهي. ڪو هڪ صفت وارو ماڻهو هجي ها ته ڪيس وساري به سگهجي ها پر هو صاحب ته گهڻ صفت شخصيت جو مالڪ هو بنيادي طور تي هڪ مشفق استاد

هو. جنهن جو عڪس اڃا منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. مان اهوئي نه وساري سگهيو آهيان ته ڪيئن موجوده هاءِ اسڪول نمبر پهرين جي ڏهين ڪلاس ۾ سائين حبيب الله اسان کي سُر سارنگ پڙهائي رهيو آهي. سندس پڙهايل بيتن مان هڪ بيت اڃا مونکي ياد آهي ۽ ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي.

ڪٺڪن ڪانڌ چت ڪيو ، جهڙپي جهڄن،
ور ريءَ واليدين اڏيا، پکا سي نـــه پسن،
اتر ڊاهي ان جا، ته ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تـــن، اچي شال اولون ڪري.

موڪل ملڻ بعد اســان ڪجهه ڇوڪرا سائن گڏجي گهر تائين ايندا هئاسي. چاڪاڻ ته نه فقط هو منهنجي والد بزرگوار جو دوست هو پر ان ناتي ڪانسواءِ به هو هڪ مهربان استاد هو.

سائين جو ٻيو پهلو آهي ادبي خدمتن جو. سائين بـــه ادب جي انهن ٻرائن پانڌيڙن مان هـــو جن ادب جا گهڙا ڀريا آهن، سندس مضمون مقالا ۽ ڪتاب اسانجي سامهون آهن. جيستائين سنڌي ادب زنـــده آهي تيستائين سائين حبيب الله به زنده رهندو.

نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ بعد مرحوم جي زندگي اسان

ڪي. ڪنهن به موڙ تي نظر ني اچي. هتان پاڻ سماجي ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم شروع ڪيائين. شڪارپور ۾ سماجي گڏجاڻي هجي يا ادبي محفل مشاعري جو موڙ هجي يا ڪنهن جي قرب جي ڪوٺ، پراڻي مارڪيٽ جي ميمڻن جي ميٽنگ هجي يا ڪرڻ در جي پٺاڻن جي گڏجاڻي، اسڪول ۾ ڪو اهتمام هجي يا ڪاليج ۾ فنڪشن مطلب ته هر محفل ۾ شمع جيان سائين حبيب الله پٺو وچ ۾ ويٺل نظر ايندو هو. هي ته هيون سماجي گڏجاڻيون پر سرڪاري گڏجاڻين ۾ به سائين سڀ کان اڳ ۾ هوندو هو. سائين حبيب الله جي ڪوشش سان اوڌوداس تاراچند اسپتال صوبائي سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتي جيڪا اڳ ۾ ٻن سن تي هلندي هئي شڪارپور جو ضلعو ٺهڻ هڪ ڏکيو ڪم هو. اڄ هي چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته جيڪڏهن سائين نه هجي ها ته شڪارپور شايد ضلعو نه بڻجي ها. شڪارپور جي جڳ مشهور لائبرري جيڪا آثار قديم وارن جي انتظار ۾ هئي، ان لاءِ نئين عمارت ٺهرائڻ ۾ سائين جون بي انتها ڪوششون هيون ۽ هيئنر اها لئبرري هڪ نئين بلڊنگ جي روپ ۾ اسان کي نظر اچي ٿي.

سائين حبيب الله پٺو پنهنجي برادريءَ جو چڱو مڙس ۽ پٺا ويلفيئر ائسوسيئيشن جو صدر به رهيو، جنهن جي بهترين آفيس لکي در تي موجود آهي ۽ سائينءَ جي خدمتن

جي ثابتي ڏيئي رهي آهي. سائين کي شڪارپور جي ترقيءَ ۽ واڌارتي جو تمام گهڻو اونو رهندو هو. پاڻ ڪٿي به هجي ۽ ڪهڙي به محفل هجي، چاهي اها ڇوڪاري ڊاڪٽر قيوم شيخ وٽ هجي يا سائين ثناءُ الله شيخ وٽ، چاهي نظيراحمد پٺاڻ، غلام حسين پٽي، گل محمد خان ۽ قاضي واجدعلي وارن جي بي تڪلف سنگت هجي يا پاءُ غلام رسول جي پريس تي محفل، مطلب ته اهي ڇوڪاريون ڪنهن ڪان به وسري نه ٿيون سگهن. وري سرڪاري محفلن ۾ سندن تعميري ڪوششون رهنديون هيون جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي شڪارپور ضلعو مليو. هن ساڳيو سنيهو ٽيليويزن تان به ڏنو هو. هو آخري دور ۾ شڪارپور جو ڪائونسلر چونڊجي آيو. پوءِ ته سڄو ڏينهن عوامي خدمت ۾ ڪوشان رهندو هو. گهر کان نڪرندو هو ته سڄي بازار مان گذرندو لکيدر تي اچي ڪنهن نه ڪنهن چانهه واري وٽان چانهه. جوڇڪو پي وري اسٽيشن روڊ ڏئي بروهيءَ واري هوٽل کان واپس موٽندو هو اهو سندس سالن کان معمول هو ۽ ان ۾ ئي سندس صحت جو راز سمايل هو، جو ڪڏهن به بيمار نه ٿيو ۽ هميشه جوان نظر ايندو هو.

مرحوم طبيعت جو ملنسار ۽ ميل جول جو ڪوڏيو هوندو هو. هڪ دفعي ڪراچيءَ آيو. هيڏي ساري گوناگون شهر ۾ جتي ڪو ماڻهو ڳولڻ هڪ ڪارنامو آهي، تتي

هي ڪمال ڪيائين جو اڃي اسلاميه ڪاليج ۾ پهتو. هن مٿ ڪمرن واري وڏي ۾ وڏي ڪاليج جي هڪ ڪمري يعني انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ مطالعي ۾ مصروف هوس تہ اوچتو سائين حبيب الله اچي مٿان بيٺو. مون کان ڇرڪ نڪري ويو، اٿي سائس نوڙي ملڻ چاهيم پر پانهن کان جهلي سيني سان لاتائين ۽ سندن لفظ مونکي اڃا ياد آهن تہ: ”بدر اڏون توکي هن ڊپارٽميٽ ۾ ڪتابن سان ڪچهري ڪندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.“ بعد ۾ چيائين تہ اٿي تہ ڊاڪٽر درس جي گهر هلون. آءُ ڪين ڊاڪٽر صاحب جي گهر وٺي ويو مانس ۽ ان طرح سان سائن سڄو ڏينهن گذارڻ جو موقعو مليو هوم پوءِ تہ سائين جڏهن بہ ڪراچي ايندو هو تہ ڊاڪٽر صاحب وٽ قرب جون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون.

سائين حبيب الله آخرڪار اسان کان ١٨ اپريل ١٩٨٠ع تي هميشہ لاءِ ڌار ٿي راهہ رباني اختيار ڪئي. اسان جون اکيون سائين کي ويندو ڏسي روئنديون ئي رهيون ۽ دليون ڏڪنديون ئي رهيون ۽ اڃا تائين آسائتيون آهن. بس هاڻي تہ اسان آهيون ۽ سائينءَ جون يادون ........

ڦٽائي قوم ۾ ڪيڙيون، رڇمن رلنديون ننهين سر پيون،
ڪري جو جوڙ تنهن کي توڙ ۾ صرفو وري ڇا جو.
(بيوس)

انجمن جي باني، قوم جي هڏ ڏوکي
انسان دوست، بهترين استاد،
سماج سڌارڪ

## مرحوم حبيب الله ڀٽو

کي ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن شڪارپور
طرفان

# خراج عقيدت

پيش ڪريون ٿا

چيئرمين ۽ اراڪين

ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن
شڪارپور

گرڌنو (گرداس) ڪائونسلر

# منهنجو ساٿي

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.

سنڌ جي سداحيات صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجن بيتن ۾ نه رڳو تصوف طرف ڌيان ڏنو، پر پاڻ اهڙين شخصيتن متعلق پنهنجي بيتن ذريعي انهن جون چڱايون ظاهر ڪيون آهن، جيئن اسان ڪي مٿين بيت مان اشارو ملي ٿو.

منهنجو اهو اشارو شهر جي ڀٽي خاندان جي چشم وچراغ مرحوم ومغفور حبيب الله ڀٽو طرف آهي. مرحوم سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ايتري پراڻي نه آهي، پر پنهنجي دوست غلام رسول ميمڻ مالڪ ماڊرن پرنٽنگ پريس جي معرفت ٿي. ان کان اڳ بحيثيت هڪ شهريءَ جي سائين جي دعا سلام جا تعلقات نه رڳو مان ناچيز سان پر هر شهرواسيءَ سان ٿيندا رهيا. آخر اهو به وقت آيو جو اسان جي دعا سلام ۱۹۷۹ع واري ميونسپل اليڪشن ۾ وڌي وڃي ويجهي. اهو حسن اتفاق

اذور ”فگار“ هڪڙو

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

مهراڻ جي ماڻريءَ ۾ جهڙي طرح مرحوم رحيمداد خان مولائي شيدائي تاريخ جي فن ۾ مشهور و معروف هيو، تهڙي طرح شڪارپور شهر جو ناميارو اديب ۽ شاعر مرحوم حبيب الله ڀٽو شڪاربور شهر جو چرندڙ علم جو خزانو هيو مرحوم لاءِ جيڪڏهن ائين لکجي ته سراپا ”شڪارپور جي تاريخ“ هيو ته بيجا نه ٿيندو. جنهن به محفل يا مجلس ۾ مرحوم کان جيڪڏهن شڪارپور بابت سوالات پڇيا ويندا هيا، ته فوري طور تي پنهنجي يادداشت ۽ تاريخي حوالن سان انهن پيچيل سوالن جو اهڙي نموني جواب ڏيندو هيو، جڻ ته پاڻ انهيءَ گذريل دور ۾ موجود هجي. شهر جي ڪنهن تاريخي عمارت، اسپتال، ڪاليج ۽ اسڪولن جي باري ۾ اهڙا حوالا مهيا ڪندو، جيڪا اسانکي شڪارپور جي پيچيل مضمونن مان به مشڪل ملي سگهي. اهڙو اعتراف پاڻي لوڪرام ڏوڏيجا پنهنجي هند سنڌ جي مشهور ديوناگري ڪتاب ”وساريو نه وسرن سنهنجو شهر سنهنجا ماڻهو“

پاڳو ۳ ۾ ڪيو آهي تہ: ”ميان حبيب الله پٺو جيترا مضمون شڪارپور بابت لکيا آهــن، تيترا سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي ليکڪ نہ لکيا آهن، ۽ هن ڪتاب ۾ بہ ڪافي مدد ڪئي آهي.“

مرحوم حبيب‌الله پٺو ۱ نومبر ۱۹۱۷ع تي شڪارپور جي هڪ علمي ادبي ۽ تعليم‌يافتہ طبقي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد بزرگوار مرحوم مولابخش ”مسڪين“ شڪارپوري هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

مرحوم حبيب‌الله صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر جي نادر واري (قاضي محلہ) پرائمري اسڪول مــان حاصل ڪئي. ۱۹۲۹ع هوپفل هاءِ اسڪول ۾ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. پر صحت جي خرابيءَ ڪري ڪراچيءَ منتقل ٿي ويو. جتان ۱۹۳۱ع تــي واپس اچي وري ساڳي اسڪول ۾ پنجين درجي ۾ داخل ٿيو. جتان ۱۹۳۳ع ۾ فائينل پــاس ڪري ۱۵ مئي ۱۹۳۵ع تــي پرائمري ماستر مقرر ٿيو. ســال ۱۹۵۱ع ۾ ۽ ۱۹۶۰ع ۾ ميرپورماٿيلو نوابشاهہ ۽ جيڪب‌آباد جي پرائمري اسڪولن جــو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر مقرر ٿيو ۽ ۱ نومبر ۱۹۷۵ع تي ۵۸ ورهين جي عمر ۾ گورنمينٽ هاءِاسڪول شڪارپور مــان اسسٽنٽ ٽيچر جــي عهدي تــان رٽائر

ڪيائين مرحوم هاء اسڪول ۾ رهندي انٽر آرٽس جي تعليم ڏائين پهتو.

سندس علمي ادبي ذوق جي شروعات ١٩٣٦ع کان سندن والد بزرگوار ۽ محترم مشتاق ابڙو هاڻوڪي هفتيوار اخبار ”شهباز“ جي ايڊيٽر جي صحبت ۾ ٿي. ١٩٤٥ع کان باقاعدي لکڻ شروع ڪيائين سندس مضمون ۽ شعر سنڌ جي مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا هئا جن مان ”الوحيد“، ماهوار ”نئين زندگي“، ماهوار ”پيغام“، ”اخبار تعليم“، ”هلا ميگزين“، ماهوار ”سنڌو“ روزانه ”هلال پاڪستان“، روزانه ”عبرت“، روزانه ”آفتاب“ ۽ هفتيوار ”آزاد“ ڪراچي کان علاوه ماهي ”مهراڻ“ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مرحوم ان عرصي دوران ڪيترائي تحقيقي، تعليمي ۽ تنقيدي مقالا، مضمون ۽ معلوماتي ڪتاب پڻ لکيا، مسلم ليگ ۽ جناح مرحوم سان سندس انسيت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته اگسٽ ١٩٤٧ع تي ”ماري پور“ ڪراچي جي هوائي اڏي تي هي پهريون سنڌي شخص هو جنهن قائداعظم جي آمد وقت هوائي اڏي تي ڏاڪڻ تي چڙهي پاڪستان جي سرزمين تي پير رکڻ کان اڳ ان جو هڪ يادگار فوٽو ڪڍيو هو. جيڪو سنڌ جي ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. تازو سنڌ جي مشهور ماهوار رسالي ”نئين زندگي“ جي ماه ڊسمبر ١٩٧٦ع واري

قائداعظم جي ٨٩ سالہ سالگرہ نمبر ۾ به، اهو سندس شڪريه سان پهرين صفحن تي شايع ڪيو ويو هو.

مرحوم حبيب الله پٺو ون يونٽ کان اڳ سنڌ پرائمري ٽيچرس ائسوسيئيشن جي ايڪشن ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ شڪارپور برانچ جو صدر هو. ان عرصي دوران مرحوم لاهور جي استادن طرفان گهرايل آل مغربي پاڪستان ٽيچرس ائسوسيئيشن ۾ سنڌ جي استادن پاران نمائندگي ڪئي.

مرحوم ١٩٦٥ع دوران سنڌي ادبي سنگت شڪارپور جو جنرل سيڪريٽري تي رهيو هو. جنهن جو صدر مرحوم آغا عبدالنبي خان ”علوي“ هو. هن ادبي سنگت پاران ٻه فنڪشن ”شاه عبداللطيف ڏي“ ۽ ”سچل سرمست ڏي“ ملهايا ويا هئا، جيڪي شڪارپور جي تاريخ ۾ يادگار ڏينهن تسليم ڪيا وڃن ٿا.

پنهنجي شهر شڪارپور لاءِ جا سندن دل ۾ محبت هوندي هئي تنهن جو ذڪر هن ننڍڙي مضمون ۾ ڪرڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي. پنهنجي شهر جي نالي کي روشن ڪرڻ ۽ شهر کي ترقي وٺرائڻ لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪيائون، ۽ وقت بوقت ڪيترائي مضمون لکيائون، جنهن جو اعتراف اسين مٿي به ڪري چڪا آهيون. تازو ٻهاڻ شڪارپور جي بلدياتي چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان

ڪامياب ٿيا ۽ چوندن ۾ حصو ورتو جو مول مقصد صرف شهر جي خدمت ڪرڻ هو. مگر افسوس جو سندن زندگيءَ ساٿ نہ ڏنو ۽ آسون اڌوريون دل ۾ سانديي تاريخ ١٨- اپريل ١٩٨٠ع تي هميشه هميشه لاءِ بنا ڪجهہ چوڻ آکڻ جي اسان کان جدا ٿي ويا. اج ڀاڳ نہ آهن پر سندن يادون باقي آهن.


ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي جذبہ خلوص ۽ محبت جي پيش نظر

خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان.

پاران:

ديدار احمد شيخ

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور

## صوفي جهامنداس "عاشق"

# ويو هليو...

هتہ حبيب‌الله اسان کان موکلائي ويو هليو،
مشکندي ۽ مرڪندي وارو وڃائي ويو هليو.
زندگي ساري وطن جي قوم جي خدمت ڪئي،
دوستن سان واھہ جـو ناتو نڀائي ويو هليو.
شاعريءَ جو شان، ميدان ادب جو شهسوار،
محفل تقريـر ۾ موتي لٽائي ويو هليو.
دوستن جـو دادلو ۽ محفلن جو مور هـو،
راز ڪهڙا دل جا دل ۾ ئي دٻائي ويو هليو.
سنڌ وارن کي سدا داغ جدائي ويو ڏيئي،
پاڻ مشڪندو اسان کي بس رئاري ويو هليو.
ياخدا ڪر تون عطا ٻوين کي بس صبر جميل،
جن جي لئہ شمع ادب کي هو جلائي ويو هليو.
شهرواسين جو سائين حال پاڻي ٿـي رهيو،
خلق جي خدمت ڪري وارو وڃائي ويو هليو.
ڪين مرندا جن کي "عاشق" آھہ محبت ملڪ جي،
قلب تي هو قرب جو سکو ڇمائي ويو هليو.

### قطعہ

تنهنجي تـي اچي ياد تہ بس هنياءُ ڏري ٿو،
ويهان ٿـو لکڻ هـاھہ قلم آھہ پـري ٿـو،
محبن سندي ميڙاڪي ۾ هاھہ ســر محفل
توکي نـہ ڏسي منهنجي اکين آب تري ٿـو.

# حبيب الله ڀٽو

١٩٥٦ع جي گرمين جا ڏينهن هئا ڪراچي هوٽل جي ٻاهران ڀِٽ لوهي بينچن تي ادبي رهاڻ ٿي رهي هئي. دستوري نه پر چاهه جي ڪوپ تي ٿيندڙ ادبي گڏجاڻي.

مولانا غلام محمد گرامي مرحوم، سرائي اميدعلي مرحوم ۽ ٻيا ٻه ڪيترا بزرگ توڙي نوجوان اديب موجود هئا، اوچتو تمام سنهي آواز ۾ "اسلام عليڪم" جو آواز آيو ۽ گرامي صاحب اٿي ٻيهي آيل مهمان کي هٿ ڏنو. آيل مهمان سان ڪن جي اکيوات سڃاڻپ هئي پر مون لاءِ بلڪل نئون هو. گرامي صاحب ٻڌايو ته "هي مسٽر حبيب الله ڀٽو آهي جيڪو هڪ سٺو اديب آهي."

اها پهرين ملاقات هئي ۽ ان بعد حبيب الله ڀٽي سان ڪچهريون اينريون ته وڌيون جو ١٩٨٠ع تائين سواءِ ڪن مجبورين جي مسٽر ڀٽو جڏهن به حيدرآباد ايندو هو ته آفيس ۾ به پير قرب جا پيري ايندو هو.

"حبيب الله مولابخش ڀٽو" جڏهن به ڪنهن مضمون

جي مٿان لکيل پڙهندو هوس تڏهن اهو احساس ضرور ٿيندو هو تہ ان مضمون ۾ ضرور ڪا علمي گفتگو هوندي.
شڪارپور صدين کان تعليم جو مرڪز رهيو آهي. هتي نہ صرف ديني تعليم جا مڪتب هوندا هئا پر دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سوين درسگاهون هيون.

وقت جي وهڪري سان گڏ شڪارپور جو شهر پوئتي پوندو ويو ۽ ويندي ان وقت تائين جيسين ڪيس ضلع نہ بڻايو ويو شڪارپور نظرانداز ٿي رهيو.

شڪارپور جي انهيءَ پراڻي عظمت کي تعليم جي ميدان ۾ اجاگر ڪرڻ واسطي شڪارپور جي جن بزرگن استادن ۽ عالمن ڪوششون ڪيون تن ۾ مرحوم حبيب الله پٺو جو نالو سدائين سرفهرست رهندو.

مرحوم حبيب الله پٺي جون علمي ۽ ادبي خدمتون ايتريون گهڻيون آهن جو انهن جو تذڪرو لفظن ۾ ممڪن نہ آهي. جديد شڪارپور جي علمي اوسر ۾ حبيب الله پٺو جو نالو هميشہ نمايان رهندو ۽ سندس علمي خدمتن کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ڪري سگهبو.

مرحوم حبيب الله زنده دل انسان هو. ڪلاس رهاڻ هجي سندس مٺڙو ۽ سريلو آواز پيو گونجندو هو. آءٌ مرحوم سان ڪيترن ئي ادبي رهاڻين ۾ ساڻس گڏ شريڪ رهيس، ڪن ادبي معاملن تي اگر ساڻس اختلاف راءِ بہ هوندو هو تڏهن بہ ان متعلق هميشہ وضاحت سان ڳالهائيندو هو.

اها سدا بهار شخصيت، مرڪندڙ چهرو حبيب‌الله ڀٽو
مٿين مٽي جي هيٺان آهي، مگر منهنجي خيال ۾ هو سنڌ
وارن لاءِ سدائين زنده رهندو سندس نالو عزت ۽ احترام
سان ورتو ويندو ۽ شڪارپور جا اڄ جا ننڍڙا جڏهن سيائي
وڏا ٿي وقت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ وٺندا، تڏهن کين
خبر پوندي ته سندن شاندار مستقبل لاءِ مرحوم حبيب الله
ڀٽي جون خدمتون ڪيتريقدر نه قابل‌فخر هيون خدا مغفرت
ڪريس وڏو زنده دل ۽ اديب دوست انسان هو.

سنڌ جي بلندپايه اديب ۽
پياري دوست

## مرحوم حبيب‌الله ڀٽو

جي ياد تازي ڪندي .....

# خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان.

پاران:
پير بخش آچر
صدر آچر انجمن شڪارپور

## جمال الدين جوڳي

# خراج عقيدت

ڪري ٿو ياد اڄ هرڪو حبيب الله پيٺي کي،
سڏيندو سائين هو سيڪو حبيب الله پيٺي کي.

ڪچهري قرب واري جي اچا پيي ياد آ دل تي،
تڏهن ٿو ساه هي ساري حبيب الله پيٺي کي.

علم جي لاٽ روشن ڪئي سندي هن ديس ساري ۾،
عطا عيوض ٿيندي جنت حبيب الله پيٺي کي.

هيو اخلاق جو اعليٰ ۽ صورت ۾ سدا سهڻو،
مليل هئي ذات پرور ڪان حبيب الله پيٺي کي.

ڪندو هو جان کي قربان پنهنجي هن ملڪ ملت تان،
اهي سڀ شرف حاصل ها حبيب الله پيٺي کي.

شڪارپور شهر لاءِ جاني جفا ڪئي جوانيءَ ۾ ڪيڏي،
تڏهن ٿا سڀ دعائون ڏين حبيب الله پيٺي کي.

ڪري ٿو پيش هي "جوڳي" عقيدت جا ٻه ٽي گلڙا،
ملن فردوس ۾ جايون حبيب الله پيٺي کي.

هدايت منگي

# هو جي هئا ڪالهه....

موت اٽل آهي. موت هر ڪنهن مٿان لامارا ڏيندي ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن هميشہ جو لاڏائو ڪرائي ٿو. زندگي موت کان اڳ جي جاڳوڙ، ڪيل نہ ڪيل جاڳوڙ جو نالو آهي ۽ جيڪا پنهنجي پاڻ ۾ لکين جرثومن سمائي، حياتيءَ جي ڏکن سکن جا انيڪ تجربا ڪرائيندي آهي. ان احساس کي شديد نموني محسوس ڪرائڻ کانسواءِ تہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي.

حيتيءَ ۾ ڪنهن جي موت جي تاريخ فقط تڏهن مقرر ڪري سگهجي ٿي، جڏهن ڏاڍي جي ڏهڪاءَ جي قوت ۾ صورتحال حاوي هجي، ورنہ اها خبر ڪنهن کي بہ ڪانهي تہ ڪير ڪڏهن مرندو، ساهہ جي تنوار ٽٽي پوندي ۽ سفر اڻپورو رهجي ويندو.

چانديءَ جهڙن اڇن چلڪندڙ، مٿي جي ڪهاڻن وارن ۾ چڙهي چٽي، لفظن ۾ ڳالهين کي ضابطي موافق ڳالهائيندڙ حبيب الله ولد مولابخش پنهو گذاري ويو ۽ پنهنجي پٺيان ڪوڙ امڙيون ياديون ڇڏي ويو جيڪي ور ور ماڻءَ تي

هري اينديون، خلوص ۽ تڪلفات جو گهرو تجربو يا مشاهدو ياد ڏياريندا يون،

هرڪو ماڻهو پنهنجي پنيان ڪا ياد نه ڇڏي ويندو آهي، هن اها ڪوٺ پرڻ لاءِ خلوص ۽ بي‌انتها تڪلفات ڪي پنهنجو بنائي ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري جمع ڪري ڇڏيو هو. هڪ پيرو مايل،واقف تيل ڪو شخص ڏنائين ته اکين ۾ ويهاري اهي قرب ڏيندس جو انساني معاشري ۾ هڪ ٻئي لاءِ لازمي قرب، محبت، خلوص ۽ رعايت جا بي‌انتها تجربا ڏئي پوءِ ڇڏيندو.

اکينءَ ملاقات ۾ اوهان جي ڪنهن ڏک جي خبر پئي هوندس ته هن ملاقات ۾ امڙيءَ ته پنهنجائپ ۽ حجت سان صورتحال پڇي‌ونندوچڻ ڪيس فڪر ڏي اوهان‌جي تڪليف جو آهي. هانءَ وڏان ڳالهائيندو،ءِ وري هر ڳالهه ۾ اوهان جي راه جو ايڏو احترام ڪندو جو پلي اوهان سندس ننڍي پٽ جي وهيءَ جا هجو، ۾ ماڻس ويهي ڳالهيون ڪندي محسوس ڪندؤ ته چڻ هڪ جيڏي سان‌ڳالهائي رهيا آهيو. وري پنهنجي راه ڏيڻ وقت اها صحيح هوندي ته اوهان تي مڙهڻ جي ڪوشش اصل نه ڪندو. اهڙو ڪو تاثر ڏي نه ڏيندو.

اوهان سان واقفيت ٿي ويس ۽ اوهان جي شهر ۾ آيو

تہ ڪجھہ ڪلاڪ ڪيدي اوھان سان ضرور ملڻ ايندو پر سيني تڪلفات سميت، جوڪي پنھنجي شھر ۾ ھن توھان کان صفا وساري ڇڏيا ھئا.

شڪارپور شھر ڪـي سڄي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ ڪيس جا دلچسپي ھئي، ان جـا مثال سندس اھي مضمون آھن جيڪي ھو ور ور ڪري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپرائيندو ھو. "شڪارپور" اڄ تہ ڪجھہ ٻي ڪانھي ورنہ ان جي جوڙجڪ، سماجي قدرن ۽ رسم رواج جي ڪري ان کي "سنڌ جو بيروت" چئي سگھجي ٿـو. شڪارپور جي اوج ۽ زوال جـون چٽيون، رنگارنگي توڙي دونھاٽيل تصويرون اوھان فقط حبيب الله ڀٽو جي مضمونن مان ڏسي سگھون ٿا. ۽ اھـا سڪ ڏرتيءَ ماتر ڀوميءَ جي سڪ ـ ۽ بي انتھا لڳاءُ جيڪو ڪيس مضمونن لکڻ تي اتساھيندو ھو ۽ ماضي ۽ حال جا چٽا عڪس چٽڻ تي مجبور ڪندو ھو.

سب کان اڳ، اڳ ۾ ھو "ھلال" جي ٻي آفيس ۾ ملندو ھـو، ۽ آخري ڀيرو بہ پورھيتن، سفيد پوش توڙي ڪنھن بہ قسم جي مالڪن جي جھڳٽي ۾ پنھنجي ھرواقفڪار کي پاڻ ڳولي وڃي لھندو ھو ۽ ھڪل ڪري اچي ٻڪ وجھندو ھو، ڀاڪر پائڻ کانسواءِ ڪڏھن بہ نہ ملندو.

مونکي خبر ناھي تہ سندس مالي حالتون ڪيتريون بھتر ھيون، پر مون ڪيس ھميشہ اڇن ڪپڙن ۾ ڏٺو. سفيد

پوشيءَ کـي بهتر زندگيءَ جـو اهڃاڻ سمجهندو هو. ڪاڻ پهرين جو ٻه صاف سٿرو ۽ متڪلف. اوهان شڪارپور وڃڻا هونـدؤ ۽ ڪيس ملڻ لاءِ نياپو ڇڏيندؤ تہ اهو ڏينهن رکـو اوهان جي گهولا لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيندو. رهندو ٻ چار واقفڪار ٻہ هوشيار ڪري ڇڏيندو تہ "فلاڻو ماڻهو اچڻو آهي- متان گهولڻ ۾ تڪليف ٿي. تنهن ساڻ هتي نہ هجان تہ فلاڻي هنڌ هوندس." اوهان ڪٿي بہ ويندا هجو، نياپـو ڪندؤس تہ ٻيا ڪم ڇڏي ٻه پاڻين اوهان سان ملڻ ايندو. ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهيل نظر اچي ويٺوس تہ سندس سڏن ۽ خلوص ڀريل منٿن کي يــاد ڪري اوهان پڇتائيندؤ تــہ "ڇو نہ لهي مليو مانس".

شڪارپور شهر ۾ ٻاراڻي بہ گهٽو ڪري پاڻ جهڙن ئي سپاجهڙن ۽ پرخلوص ماڻهن ســان هوندس اصل سي هڪجهڙا - صدقي پيا ٿيندا. ٻلي ڇونہ اوهان پنهنجي ئــي ڪنهن ڪم سان ولن ويا هجو.

شڪارپور جو لکي در ۽ اتان جــي متيءَ جي ذري ذري سندس نفاست واري چـال ۽ گل- موتي گفتن کــي هميشه ياد رکندي، پر هاڻ هــو اوهان کي شڪارپور ۾ توڙي ڪٿي بہ نہ ملندو- ڪٿي بـہ نہ سواءِ انهن ملاقاتن جي يادين جي جهڪي اوهان کــي پرپور خلوص ۽ محبت جي ياد پيا ڏيارينديون رهنديون.

آذر ناياب صديقي

# عقيدت جا گل

محسوس ائين ٿيو ڇڻ سڀڪو منجهي پيو آ
پنهنجي ئي گهر جو ڀاتي ڪو فوت ٿي ويو آ

ڏيئا ٻرن ٿا وري وسامي پيا وڃن ٿا
مگر وس آهر سماج کي سوجهرو ڏين ٿا

مونکي لڳن ٿا اهي قلم ڪار ٻي ڏيئن جيان
بنا تفاوت پنهنجن پراون سان پيار ڪن ٿا

پنهجن ڏکن تي چڙهائي ڇو مرڪ جي مزي سان
ٻين جي ڏک تي ٻين جي تڪليف تي روئن ٿا

"حبيب الله" ٻه هو انهن مان ئي هڪ سياڻو
سڄي حياتي جي زهر جا ڍڪ سدا پرن ٿا

"حبيب الله" زنده آهي ۽ زنده رهندو
آهي قلمڪار، اديب، شاعر اومر ٿين ٿا.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب ڏسوارين...

## مرحوم حبيب الله پنهور

هڪ مشفق استاد ۽ سماجي ڪارڪن
جي حيثيت ۾ جيڪا شڪارپور شهر
جي خدمت ڪئي آهي.

مان سندس خدمتن جي
اعتراف طور

# خراج عقيدت

پيش ڪريان

پاران:

**آغا شهاب الدين خان**

ڪائونسلر

ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور

مير محمد عبدالغفور سنڌي

# جڏهن ڪي ماريو نه موٽن

اڄ اوڪي سڏوري ساعت، انهيءَ دل گهري دوست جي ياد ۾ ملهائي رهيا آهيون، جيڪو اسان سڀني جو ”حبيب“ هو. جهڙو سندس نالو ”حبيب“ هو، سچ پچ تهڙوئي ”حبيب“ هو.

دنيا ۾ ڪي ٿورا ماڻهو اهڙا ملندا آهن، جيڪي ڪيترن ئي خوبين جا مالڪ هوندا آهن. هتان جي مردم خيز سرزمين جو سپوت، مرحوم حبيب الله ”حبيب“ به انهن چند ماڻهن مان هڪ هو، جيڪي هڪ ئي وقت ڪيترين ئي خوبين جا مالڪ هوندا آهن.

منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ، ان وقت ٿي، جڏهن هو پنهنجي حياتيءَ جي پوئين دور مان گذري رهيو هو. شڪارپور وچ ٿيندو هو ۽ ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هو نهايت خوش خلق، صورت ۽ سيرت جو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو. سندس گفتگو جو انداز عالمانه هو ۽ قومي جذبي سان سرشار هوندو هو. پنهنجي شهر شڪارپور سان ڪيس وڏو لڳاءُ هوندو هو. ايتري قدر جو تقرير خواه تحرير ۾ ”شڪارپور“ سندس مرڪزي نڪتو هوندو هو.

ڪڏهن به ڪنهن مغموم يا منجهيل نه ڏٺم. هميشه گلاب جي گل جيان پيو ٽڙندو هو. شهر جي ماڻهن سان سندس گهري واقفيت ۽ محبت، منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو. اهو سڀ ڪجهه سندس پوک جو ڦل هو. شڪاربور جي هر ننڍي خواه وڏي جي دل ۾ سندس لاءِ عزت ۽ احترام هوندو هو.

جتي علمي ۽ ادبي مسئلن ۽ معاملن تي بحث ۽ گفتگو ڪري سگهندو هو، اتي سياسي بصيرت به پليءَ پٽ رکندو هو، سندس ٻه دلي خواهشون هيون جي ڪي موت ڪان مهلت نه ملڻ سبب، باقي رهجي ويون. انهن مان هڪ هئي: سندس والد مرحوم مولابخش ”مسڪين“ جو ڪلام منظر عام تي آڻڻ ۽ ٻي هئي: سندس ورهين جي تحقيق ۽ نور جو نچوڙ ”بيت“ بابت لکيل ڪتاب جو ڇپجي پڌرو ٿيڻ.

ٻاڻ پنهنجي اولاد کان بالڪل مطمعن هو، ڇاڪاڻ جو سندس سڀئي پٽ پڙهيل ۽ برسر روزگار آهن. هينئر مٿن اهو فرض عائد ٿئي ٿو، ته مرحوم حبيب الله جي مٿين خواهشن کي ٻا يه تڪميل تي پهچائي سندس روح کي سڪون پهچائين. قوي اميد آهي ته سندس پونير، مرحوم جي ڇڏيل قلمي ورثي کي ڪيٽن ۾ سانڍڻ بدران عام ڪرڻ لاءِ جلد کان جلد ڪو عملي اُپاءُ وٺندا!

بلندپايہ اديب ۽ ندر ڪائونسلر

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي سماجي ۽ علمي خدمتن جي اعتراف طور

## کيس خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان

پاران:

**آغا اسلم خان پٺاڻ**

ميونسپل ڪائونسلر

مالڪ افشان سئنيما شڪارپور

---

جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڌي وياءِ

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي جذبہ خلوص و محبت جي پيش نظر

## خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

پاران:

**صوف معرفاڻي**

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور

## شڪارپور جي عظيم شخصيت
## ڀٽن خاندان جي چشم و چراغ

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

جيڪا شهر جي خدمت ڪئي آهي، مان

## ڪيس خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

پاران:

**عبدالخالق ڀٽو**

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور

---

## شڪارپور جي اهل - قلم ۽ بيباڪ صحافي
## ۽ ميونسپل ڪائونسلر

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

## جي علمي ۽ سماجي خدمات جي پيش نظر
## خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان

پاران:

**مفتي جمال احمد**

ميونسپل ڪائونسلر ۽

ائڊووڪيٽ شڪارپور

نذير چنا

# منهنجو سائين....!

اج نـــ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

ماڻهو تہ روز ڄمن ٿا، روز مرن ٿا. اهو ڄمڻ ۽ مرڻ جو سلسلو ازل کان آهي ۽ قيامت تائين جاري رهندو. ڪي ماڻهو مري مٽجي ويندا آهن ۽ ڪي تہ مري بہ مات نہ ٿيندا آهن. مري مٽجي اهي ويندا آهن جيڪي پنهنجي پويان ڪجهہ بہ ڇڏي نہ ويندا آهن ۽ مري بہ مات اهي نہ ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي پويان اهو ڪجهہ ڇڏي ويندا آهن جيڪو ڪين مرڻ نہ ڏيندو آهي. اهڙا ماڻهو موت کان شڪست نہ کائيندا آهن پر مري بہ موت کي شڪست ڏيندا آهن.

سائين حبيب الله ڀٽي بہ پاڻ کي اهڙن ماڻهن مان هڪ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. هن پنهنجي ڪامل قرب، ڪامل

علم، ڪامل ادب ۽ ڪامل سائنس جو جيڪو خزانو پنهنجي پويان ڇڏيو آهي سو ڪيس ڪڏهن به مرڻ نه ڏيندو.

سائين جي ڪيل علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن کي جيڪڏهن انصاف جي تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ رکون ۽ ٻئي پڙ ۾ اسان پنهنجي سمورين خدمتن کي رکي تور تڪ ڪريون ته به سائين جي خدمتن وارو پڙ هيٺ ئي بيهندو ۽ اسانجي خدمتن وارو پڙ مٿي لڙڪي بيهندو.

جيڪڏهن سائين جي مائٽي طبعيت ۽ بردباريءَ سان پنهنجي سڀاءُ ڀيٽ ڪريان ٿو منهنجو سيس ندامت کان نوڙي وڃي ٿو.

جيڪڏهن سائين جي آواز سان پنهنجي آواز جو زور ڀيٽيان ٿو ته سندن پيريءَ جي آواز اڳيان منهنجي جوانيءَ جو آواز مڌم لڳي ٿو.

جيڪڏهن سندن صفائي ۽ سادگيءَ کي ڏسان ٿو ته پنهنجو گورو بدن ميرو ۽ قيمتي ويس به ڪوجهو ۽ لڙون لڙون لڳي ٿو.

جيڪڏهن سندن مرڪ جو تصور ڪريان ٿو ته پنهنجو کلڻ به خواري لڳي ٿو مطلب ته ائين ڇون ۾ ڪوبه وڏائي محسوس نٿو ڪريان ته سائينءَ جي هستيءَ جي ڀيٽ ۾ پنهنجي هستي حقير ۽ ڪمتر محسوس ٿئي ٿي. ڇوته

سائينءَ ۾ سڀئي سهڻا اوصاف ۽ انسانيت هئي جيڪا هڪ مڪمل انسان ۾ هجڻ گهرجي.

پر ان سان گڏوگڏ مون کي چوڻ ڏيو ته:

اي منهنجا سائين! تون ته شڪارپور کي ڪنڌار جيان سينگارڻ جو سهرو پنهنجي سر تي سجايو هو ان کي اڌ ۾ لاهي اڇلي، ڦٽي ڪري اي گهوٽ تون ڇو موت ڪاڏي.

مون کي سائن مخاطب ٿيڻ ڏيو ته:

اي استادا توجهڙا انسان مري اسان جهڙن انسانن جو جيئڻ جنجال ڪري ويندا آهن ۽ دل دانهن ڪري چوندي آهي ته: ”اي موت! شل توکي موت اچي.

مون کي سائين حبيب الله جو اهو آخري پاڪر ياد اچي ٿو ته جيءُ جهري پوي ٿو. جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي ها تـہ اهي پياريون ٻانهون ۽ قربن جـو ڀنڊار سهنو وري مون کي نصيب نہ ٿيندو تہ جيڪر مان پنهنجي وجود جو سمورو رت اکين وسيلي هاري موت کي سندن وڏيڪ حياتيءَ جي ضمانت ڏيڻ تي مجبور ڪريان ها.

شڪارپور جي هر دلعزيز

پنهوَر خاندان جي چشم و چراغ

# مرحوم حبيب الله پنهوَر

کي سنڌس خدمات تي خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان -

پاران: علي بخش پنهوَر

زرگر صراف بازار شڪارپور.

---

شڪارپور جي اهل - قلم

# مرحوم حبيب الله پنهوَر

جي علمي خدمات جي پيش نظر

خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

پاران: عنايت الله ميمڻ

عنايت ريڊيو اينڊ ٽيليويزن مڪينڪ شڪارپور

غلام رسول ميمڻ

# منهنجو ساٿي - منهنجو محسن

منهنجي ساٿيءَ، منهنجي محسن کي اسان کان جدا ٿئي، ڏيڍ سال جو عرصو گذريو هوندو مگر ائين پيو محسوس ٿئي ته هو ڪالهه اسان کان جدائي ويو آهي. اڄ شڪارپور شهر جو ٻچو ٻچو، سائين حبيب الله پٺاڻ جي ڪمي محسوس ڪري رهيو آهي، شاهي بازار جا دڪاندار ان مٺڙي آواز کان محروم ٿي چڪا آهن، جيڪو هو روز صبح و شام ٻڌندا هئا. ”السلام عليڪم- سائين دعا ڪندا“ سائين دعا ڪندا، مرحوم جو تڪيہ ڪلام پڻ هو. سائين حبيب الله پٺاڻ جيتوڻيڪ هڪ غريب متوسط خاندان سان تعلق رکندڙ هو، مگر سندس اخلاق ۽ محبت جو اهو عالم هيو، جو هر دل ۾ ان جي عزت، مان ۽ مرتبو هو. اهڙيءَ عظيم هستيءَ کان شڪارپور جا شهري هاڻي مرحوم ٿي چڪا آهن. هيءُ اها شخصيت هئي، جنهن پنهنجي سموري زندگي آخري دم تائين هتان جي غريب شهرين لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. هو شڪارپور شهر جي جيئري جاڳندي

تواريخ هـو. شڪارپور شهر کي ضلع بڻائڻ لاءِ مرحوم جهڪا اخبارن ۾ مضامين ذريعي خدمات انجام ڏنيون، آهي ڪنهن کان به ڳجهيون نه آهن. جيڪڏهن ائين چئجي ته شڪارپور کي ضلعو بنائڻ جو سهرو حبيب‌الله پنهنجي تي آهي، ته به وڌاءُ نه ٿيندو. ان لاءِ هن انتهڪ ڪوششون ڪيون ۽ ننڍي ننڍي اخبارن ۾ مضمونن ذريعي هر دور جي حڪومت جو هن طرف ڌيان ڇڪايو ته شهر کي پنهنجو اصلي مقام ڏنو وڃي ۽ آخر هڪڏينهن سندس محنتن رنگ لاتو ۽ هن شهر کي ٻيهر ضلعو بڻايو ويو. جنهن ڏينهن شڪارپور کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو، ان ڏينهن مرحوم جي خوشيءَ جي انتها نه هئي، ائين پئي محسوس ٿيو ته ساري جهان جون خوشيون هن جي جهوليءَ ۾ اچي ويون آهن.

ڪيڏو نه شهر جو ڪيس اونو هو، جو جڏهن به هن ڪو مضمون لکيو ته ان ۾ شڪارپور جي شان وڌائڻ ۾ پنهنجي طرفان ڪا ڪسر نه ڇڏي. مرحوم شڪارپور جي هڪ هڪ پهلوءَ کي هلال پاڪستان ۽ ٻين اخبارن ۾ وڏن وڏن مضمونن ذريعي اجاگر ڪيو. ان ڪري سندس دوست ۽ احباب کيس ”سراپا شڪارپور“ سڏيندا هئا. مرحوم حبيب‌الله پنهنجي پنهنجي سموري زندگي سادگيءَ سان گذاري ۽ پنهنجي ٦٣ ورهين جي پوري ڄمار مان ٤٨ سال علم و ادب جي خدمت ڪئي.

هونءَ بہ هڪ عام رواج تي پيو آهي تہ اسان ڪڏهن بہ ڪنهن کي انجي حياتي ۾ انجي خدمتن جو صلو نہ ڏيندا آهيون. الٽو ان جي متان ٺٺوليون ۽ انيڪ قصا ۽ ڪهاڻيون گهڙيندا آهيون پوءِ جڏهن هو اسان کان جدا ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي ڪمي محسوس ڪندا آهيون تہ پوءِ کين خراج عقيدت پيش ڪرڻ ني مجبور ٿي قلم کان ڪم وٺندا آهيون. اها اسانجي بدقسمتي آهي جو اهڙن هيرن ۽ جواهرن جو قدر نٿا ڪريون.

شڪارپور جا شهري هڪ اهڙي مخلص، همدرد ۽ قابل فخر استاد کان محروم ٿي چڪا آهن، جنهن تقريبن شهر جي نصف آباديءَ کي هڪ استاد جي حيثيت ۾ علم جي نور سان منور ڪيو آهي. مرحوم حبيب الله پٺو علم جي هڪ اها شمع هئي جنهن کي هن پنهنجي خون سان روشن ڪيو هو. اڄ اها شمع اجهامي چڪي آهي ۽ شهر جو ٻچو ٻچو سندس شدت سان ڪمي محسوس ڪري رهيو آهي.

مرحوم سان راقم الحروف جو اٽڪل ٥ – ٦ سالن کان پريم جو پيچ هئو. هو مون تي ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيو، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ٿيندو هو تہ بہ ڪيس منهنجا دوست ۽ مان پرچائيندا هئاسون. وري جڏهن کانئس پڇبو هو تہ سائين ناراض آهيو؟ تہ جواب ۾ مرڪي

چوندو هو، ڪڏهن ٻچن سان بہ ناراض ٿيو آهي؟ اُئين ڇڪي سيني سان لڳائيندو هو اُئين محسوس ٿيو ٿئي تہ اسان يتيم ٿي چڪا آهيون. هو منهنجو محسن بہ هو تہ ساٿي بہ. هن هر دور ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي، جنهن لاءِ مون وٽ ڪي لفظ نہ آهن جو کيس نذرانو پيش ڪريان.

مرحوم حبيب الله ڀٽي جي اوچتي وفات جي خبر هڪ غير يقيني ڳالهہ هئي ڇاڪاڻ تہ جمعہ ڏينهن صبح جو ۹ بجي کان ۱۲ بجي تائين پنهنجي گهر ۾ هڪ مضمون مڪمل ڪري ورتو هو، جيڪو سندس زندگيءَ جو آخري مضمون آهي. شام تائين گهر طرف ايندڙ ماڻهن سان نهايت خوش اخلاقيءَ سان ملندو رهيو. رات جو اٺين بجي کيس دل ۾ تڪليف محسوس ٿي ۽ آخرڪار رات جو ۱۱ بجہ دل جو درد سندس جان ليوا ثابت ٿيو. ڪنهن کي يقين ئي نہ پئي آيو تہ هي هميشہ مرڪندڙ چهرو ايترو جلد اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ رسي ويندو. هيءَ اندوهناڪ خبر ٻڌڻ سان سموري شهر جي ماڻهن گهر اچي تصديق ڪئي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا. سندس آخري ديدار لاءِ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن سندس جنازي ۾ شرڪت ڪئي. ۱۹ اپريل ڇنڇر ڏينهن شام جو ۲ بجہ کيس پنهنجن دوستن ۽ احبابن ابدي آرام لاءِ سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو. (خدا کيس جنت نصيب ڪري آمين) سندس جنازي سان شامل

ماڻهن جي اکين مان لڙڪ وهــي رهيا هئا ۽ هــو خاموش هڪ اڻ ڇاتل منزل ڏانهن ويندي ويندي ڇمي رهيو هو....

" کهوڙن ۽ کهوٽن جيئن نورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا."
(شاهه)

منهنجو مشفق اُستاد، ناصح،
سماجي ڪارڪن ۽ بلندپايه اديب

# مرحوم حبيب الله پنو

جنهن جي هن فاني دنيا مان لاڏني سنڌ جي ادبي حلقي ۾ وڏي خلا پيدا ڪري ڇڏي آهي.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌواسين جــي خدمت جي اعتراف طور مــان ڪيس خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان ۽ الله جي در دعاگو آهيان ته رب پاڪ کين جوار رحمت ۾ رکي.

ممتاز احمد شيخ

شڪارپور جي عظيم فرزند ۽ بيباڪ ڪائونسلر

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

جي علمي ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور

## خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

پاران:

**مولابخش ميراڻي**

ميونسپل ڪائونسلر شڪارپور.

---

# مرحوم حبيب الله ڀٽو

پنهنجي قلم جي وسيلي ۽ ميونسپل ڪائونسلر جي حيثيت ۾ جيڪا شهر جي خدمت ڪئي آهي، سا ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي.

مان کيس

## خراج عقيدت پيش ٿو ڪريان.

خدا کيس پنهنجي رحمت سان نوازيندو.

پاران:

**نصيراحمد لوڌي**

ميونسپل ڪائونسلر ۽
ايڊووڪيٽ شڪارپور.

کھوڙن ۽ کھوٽن، جيئن تـــورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.
(شاهه)

شڪارپور شهر جــي مشهور اديب، محقق ۽ شاعر سائين حبيب‌الله ڀٽو مرحوم و مغفور جــي ادبي ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور سندس زندگي بابت ڇپايل هــي ننڍڙو ڪتاب وڏي اهميت رکي ٿــو. مرحوم سائين هڪ وڏي پايي جــو دانشور، قوم پرست سماجي ڪارڪن ۽ همدرد دل رکندڙ انسان هو.

هو شڪارپور شهر جي ماضيءَ جي عظمت ۽ تاريخي حيثيت جو سڀ کان وڏو شاهد هو. هن جي نوجوانيءَ ۾ هي شهر ننڍي ڪنڊ جو پيرس سڏبو هــو، سندس ٿـــي ڏينهن ۾ هي شهر ڪنڊرات ۾ تبديل ٿي ويو ۽ سندس پوين ڏينهن ۾ هي شهر ضلعو بڻجي ويو. اسين شڪارپور جــا شهري سندس علمي ادبــي، سياسي، سماجي ۽ خاص طــور تعلقي کي ضلعو ڪرائڻ جي قابل‌قدر خدمتن کي ڪڏهن به وساري نه سگهنداسين.

پاران:
**عزيز سنڌي**
سنڌ فورم پبليڪيشن
شڪارپور سنڌ.

## سنڌي پڙهو - سنڌي لکو - سنڌي ڳالهايو -

### سنڌي ادبي دنيا ۾ مشهور ادارو

# سنڌ فورم پبليڪيشن شڪارپور

اسانجا ڇاپيل هيٺيان ڪتاب ادبي دنيا ۾ پنهنجي حيثيت مڃائي چڪا آهن.

١- سون ورني دل (ڪهاڻيون) مرتب عزيز سنڌي قيمت چار روپيا
٢- حياتي هوتن ريءَ (ناول) ڪلاڀرڪاش پنج روپيا
٣- تنل اتساهه (ڪهاڻيون) مرتب عزيز سنڌي ڇهه رپيا
٤- زندگي ۽ چار ڏينهن (ناول) گوپ ڪمل ڏهه رپيا
٥- ڇهه انام ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) مالڪ ڇهه رپيا

جيڪڏهن توهان اهي ڪتاب نه پڙهيا آهن تہ جلد هيٺين ائڊريس تي خط لکي ڪتاب گهرائي وٺو. معياري ۽ سٺو ادب پيش ڪري اسين پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ جي ادب ۾ واڌارو آڻڻ چاهيون ٿا. سنڌي ٻولي جي خدمت تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن اسين گهٽ کان گهٽ سنڌي ڪتاب خريد ڪري پاڻ پڙهنداسين ۽ ٻين کي پڙهڻ لاءِ چونداسين.

**سنڌ فورم پبليڪيشن**
بجاج گهٽي
شڪارپور سنڌ.

سنڌي ليڪڪ يادگار ڪتاب نمبر ٢



مرحوم
حبيب الله
جوڻ
شڪارپور
شهر لاءِ علمي
ادبي ۽ سماجي
خدمتن جي اعتراف طور

# خراج عقيدت

پيش ٿو ڪريان



پاران:
گرڏنو (گرل داس)
اقليتي ڪائونسلر
ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور
۽ جنرل سيڪريٽري
هندو جنرل پنچائت شڪارپور